روزاني
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سنڌيار
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) ڇنڇر 15 اپريل 2023 ع بمطابق 24 رمضان المبارڪ 1444هه (قيمت 10 روپيا) شمارو 322

آئين چئي ٿو ته اختيار چونڊيل نمائندن ذريعي استعمال ٿيندو: آرمي چيف

اسيمبلي هال ۾ قومي سلامتي ڪميٽي جو ان ڪئيمرا اجلاس ٿيو، جنهن ۾ وزيراعظم سميت آرمي چيف ۽ ٻين عسڪري اختيارين شرڪت ڪئي

طاقت جو محور عوام آهي، آئين چئي ٿو ته اختيار عوام جي چونڊيل نمائندن ذريعي استعمال ٿيندو : جنرل عاصم منير

آئين ۽ پارليامينٽ عوام جي راءِ جا مظهر آهن، عوام پنهنجي راءِ آئين ۽ پارليامينٽ ذريعي استعمال ڪندو آهي

اجلاس ۾ آرمي چيف 1973 ع جي آئين کي 50 سال مڪمل ٿيڻ تي ميمبرن کي مبارڪباد ڏني ۽ چيو ته سينٽر آف گريويٽي پاڪستان جو عوام آهي: ذريعا

اسان کي نئين ۽ پراڻي پاڪستان جو بحث ڇڏي اسان جي پاڪستان جي ڳالهه ڪرڻ گهرجي، پاڪستان وٽ وسيلن ۽ افرادي قوت جي کوٽ ناهي

عوام جا چونڊيل نمائندا منزل مقرر ڪن، پاڪ فوج ملڪي ترقي ۽ ڪاميابي جي سفر ۾ ڀرپور ساٿ ڏيندي

اسلام آباد(م ڊ) آرمي چيف جنرل عاصم منير چيو آهي ته طاقت جو محور عوام آهي، آئين چئي ٿو ته اختيار عوام جي چونڊيل نمائندن ذريعي استعمال ٿيندو اسيمبلي هال ۾ قومي سلامتي ڪميٽي جو ان ڪئيمرا اجلاس ٿيو جنهن ۾ وزيراعظم سميت آرمي چيف ۽ ٻين عسڪري اختيارين شرڪت ڪئي. ذريعن موجب اجلاس ۾ آرمي چيف 1973 ع جي آئين کي 50 سال مڪمل ٿيڻ تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: آرمي چيف جنرل عاصم منير (فائيل فوٽو)

ايران ۽ سعودي عرب جا لاڳاپا بهتر ٿيڻ سان مسلمان قومن ۾ ڇڪتاڻ گهٽ ٿيندي : حسن نوريان

ڪراچي (م ڊ) پاڪستان ۾ ايران جي قونصل جنرل حسن نوريان چيو آهي ته مظلوم عوام ئي مستقبل ۾ دنيا جا حڪمران هوندا. ڪراچي ۾ ايراني قونصليٽ ۾ يوم القدس جي موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي حسن نوريان چيو ته ايران ۽ سعودي عرب جا لاڳاپا بهتر ٿيڻ سان مسلمان قومن ۾ ڇڪتاڻ گهٽ ٿيندي. هن چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

سپريم ڪورٽ پاران اسٽيٽ بينڪ جي گورنر کي اليڪشن ڪميشن کي 21 ارب رپيا جاري ڪرڻ جو حڪم

چيف جسٽس عمر عطا بنديال جي سربراهي ۾ 3 رڪني بينچ پاران پنجاب ۾ اليڪشن لاءِ فنڊز جاري ڪرڻ بابت ان چيمبر ٻڌڻي ٿي

اٽارني جنرل اليڪشن ڪميشن جو سيڪريٽري، اسٽيٽ بينڪ جو گورنر، ناڻي وارو اسپيشل سيڪريٽري ۽ ايڊيشنل سيڪريٽري پڻ عدالت آڏو پيش ٿيا

وفاقي حڪومت پاران پنجاب ۾ چونڊن لاءِ ڪيس ڪابه رقم نه ڏني وئي آهي: سيڪريٽري اليڪشن ڪميشن

عدالت پاران ناڻي واري اسپيشل سيڪريٽري کان پڇاڻو ڪيو ويو جنهن اليڪشن لاءِ پيسا جاري ڪرڻ کي مشڪل قرار ڏئي ڇڏيو

اٽارني جنرل عدالت کي آگاهي ڏيندي ٻڌايو ته پارليامينٽ حڪومت کي پنجاب ۾ اليڪشن لاءِ فنڊز جاري ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو آهي: ذريعا

وفاقي حڪومت پارليامينٽ جي فيصلي جي پابند آهي ۽ پنجاب ۾ اليڪسن لاءِ فنڊز جاري نٿي ڪري سگهي

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) سپريم ڪورٽ اليڪشن ڪميشن اسٽيٽ بينڪ جي گورنر کي پنجاب ۾ اليڪشن لاءِ اليڪشن ڪميشن کي 21 ارب رپيا جاري ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهيتفصيل موجب سپريم ڪورٽ ۾ چيف جسٽس عمر عطا بنديال جي سربراهي ۾ 3 رڪني بينچ پاران پنجاب ۾ اليڪشن لاءِ فنڊز جاري ڪرڻ بابت ان چيمبر ٻڌڻي ٿيا اٽارني جنرل اليڪشن ڪميشن جو سيڪريٽري، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: سپريم ڪورٽ آف پاڪستان بلڊنگ جو ٻاهريون ڏيک

جڏهن پارليامينٽ فنڊ ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، حڪومت ڪيئن ٿي ڏئي سگهي: اٽارني جنرل

ٻڌڻي دوران وزيراعظم شهباز شريف سان صلاح مشوري بعد اٽارني جنرل سپريم ڪورٽ پهتو

وزيراعظم شهباز شريف چيمبر جي ٻڌڻي کان اڳ اٽارني جنرل کي مشاورت لاءِ طلب ڪيو هو

اٽارني جنرل وزيراعظم سان ملاقات لاءِ سپريم ڪورٽ کان فوري وزيراعظم آفيس پهتو

اسلام آباد (م ڊ) اليڪشن فنڊز بابت ان چيمبر ۾ ٻڌڻي دوران وزيراعظم شهباز شريف سان صلاح مشوري بعد اٽارني جنرل سپريم ڪورٽ پهتو، وزيراعظم شهباز شريف چيمبر جي ٻڌڻي کان اڳ اٽارني جنرل کي مشاورت لاءِ طلب ڪيو هو، جنهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

سپريم ڪورٽ جو ورهاڱو ملڪ لاءِ سانحو هوندو : عمران خان

جيستائين توهان آئين کي نه بچائيندا تيستائين ملڪ نه بچائي سگهندا

هي سڀ اليڪشن کان ڀڄي رهيا آهن، ڪين آئين ۽ قانون جي ڪا به پرواهه ناهي

لاهور (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان چيو آهي ته سپريم ڪورٽ جو ورهاڱو ملڪ لاءِ سانحو هوندو لاهور هاءِ ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي 6 ايڊيشنل ججن عهدن جو حلف کڻي ورتو

چيف جسٽس احمد علي ۽ ايم شيخ نئين ايڊيشنل ججن کان حلف ورتو

حلف کڻندڙ ايڊيشنل ججن ۾ علي احمد ٻوهيو، محمد عبدالرحمان، خادم حسين سومرو، ارباب علي هڪڙو، جواد اڪبر ۽ ثنا اڪرم منهاس شامل

ڪراچي (م ڊ) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي 6 ايڊيشنل ججن عهدن جو حلف کڻي ورتو آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس احمد علي ۽ ايم شيخ نئين ايڊيشنل ججن کان حلف ورتو حلف کڻندڙ ايڊيشنل ججن ۾ علي احمد ٻوهيو، محمد عبدالرحمان. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان وفاقي وزير مولانا اسد محمود ملاقات ڪري رهيو آهي

گڏيل عرب امارتن آءِ ايم ايف کي پاڪستان لاءِ هڪ ارب ڊالر ڏيڻ جي تصديق ڪري ڇڏي

اسٽيٽ بينڪ يو اي اي عملدارن کان رقم وصولي لاءِ ضروري دستاويزن تي ڪم ۾ مصروف آهي : اسحاق ڊار

هاڻي اسٽاف ليول معاهدو ٿيڻ ۾ رڳو سعودي عرب جي تصديق ٿيڻ باقي آهي: ناڻي وزارت ذريعا

سعودي عرب کان 2 ارب ڊالر ايندڙ هفتي تائين ملڻ جي اميد آهي، سعودي عرب جي تصديق بعد پرڏيهي قرض وارا شرط پورا ٿي ويندا

اسلام آباد (م ڊ) گڏيل عرب امارتن آءِ ايم ايف کي پاڪستان لاءِ هڪ ارب ڊالر ڏيڻ جي تصديق ڪري ڇڏي آهي هاڻ رڳو سعودي عرب پاران تصديق ڪرڻ باقي رهجي وئي آهي. جڏهن ته ناڻي وزير اسحاق ڊار جو چوڻ آهي ته پاڪستان کي اڄ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ صحت کاتي بابت اجلاس منعقد

اجلاس ۾ صحت واري صوبائي وزير ڊاڪٽر عذرا پيچوهو، پارلياماني سيڪريٽري قاسم سومرو ۽ ٻيا شريڪ

انساني رت ۾ پلازما 50 کان 55 سيڪڙو هوندو آهي : مراد علي شاهه

پلازما ايڪٽ ٽراما، بيڪٽيريل ۽ وائرل انفيڪشن، مدافعتي نظام، آٽو ايميون ڊيز ۽ ٻين صحت جي مسئلن ۽ بيمارين جي علاج لاءِ مفيد آهي

پلازما پراڊڪٽس لاءِ چين ۽ ٻين ملڪن سان ڳالهيون ڪندس، قانون ۾ ضروري ترميمون ڪرڻيون آهن اهي به ٻڌايون وڃن

ڪراچي(م ڊ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ صحت کاتي بابت اجلاس ٿيو اجلاس ۾ صحت واري صوبائي وزير ڊاڪٽر عذرا پيچوهو، پارلياماني سيڪريٽري قاسم سومرو، صحت واري سيڪريٽري ذوالفقار شاهه، وڏي وزير جي سيڪريٽري رحيم شيخ ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي. ملاقات ۾ پلازما پراڊڪٽس جي پيداوار تي بحث ڪيو ويو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڪراچي: سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ صحت کاتي جو اجلاس ٿي رهيو آهي

ان ڪئميرا اجلاس ۾ چونڊون ملتوي ڪرڻ جو فيصلو قبول نه ڪنداسين: اعظم سواتي

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) پي ٽي آءِ اڳواڻ اعظم سواتي جو چوڻ آهي ته هو ان ڪئميرا اجلاس ۾ چونڊون ملتوي ڪرڻ جو فيصلو قبول نه ڪندا، اها ڳالهه پي ٽي آءِ اڳواڻ اعظم سواتي سپريم ڪورٽ ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي چئي، هنن جو چوڻ آهي ته چيف جسٽس آف پاڪستان عمر عطا بنديال جي ڏنل فيصلي موجب / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

چيف جسٽس سميت 8 ججن خلاف سپريم جوڊيشل ڪائونسل ۾ ريفرنس داخل

پارليامينٽ جي منظور ڪيل بل کي ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪري اختيار اورانگهيا ويا آهن : ريفرنس جو متن

پارليامينٽ جي بل جي ٻڌڻي لاءِ 8 رڪني غيرآئيني بينچ جوڙي وئي آهي

سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر بل خلاف عبوري حڪم آئين جي خلاف ورزي آهي

اسلام آباد (م ڊ) چيف جسٽس سميت سپريم ڪورٽ جي 8 ججن خلاف سپريم جوڊيشل ڪائونسل ۾ ريفرنس داخل ڪيو ويو آهي. ميان دائود ايڊووڪيٽ پاران داخل ڪرايل ريفرنس ۾ آئين جي آرٽيڪل 209 ۽ ججز ڪوڊ آف ڪنڊڪٽ جي شق 3 کان 6 ۽ 9 کي بنياد بڻايو ويو آهي. ريفرنس ۾ چيف جسٽس عمر عطا بنديال، جسٽس اعجاز الحسن، جسٽس منيب اختر، جسٽس مظاهر نقوي، جسٽس محمد علي مظهر، جسٽس عائشه اي ملڪ، جسٽس حسن اظهر رضوي ۽ جسٽس شاهد وحيد جا نالا شامل آهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

عدالتون قانون جي تشريح ڪري سگهن ٿيون : شاهد خاقان عباسي

ملڪ کي هر اداري کي پنهنجي آئيني حدن ۾ رهي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي

جڏهن عدالتون پنهنجا منصوبا شروع ڪنديون آهن ته پوءِ انصاف جون گهرجون پوريون نه ٿينديون آهن

چيف جسٽس کان اميد آهي ته هو آئين ۽ قانون موجب پنهنجي ذميواري پوري ڪري، سڀني جون نظرون هن وقت سپريم ڪورٽ تي آهن

ڪراچي (رپورٽر)مسلم ليگ ن جي اڳواڻ ۽ اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي چيو آهي ته عدالتن ۾ ڪيمرا لڳائڻ جي خواهش آهي ته جيئن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ن ليگ اڳواڻ ۽ اڳوڻو وزيراعظم شاهد خاقان عباسي

پرڏيهي وزير افغانستان ۾ اهم سمرقند اجلاس ملتوي ڪري ڇڏيو : شرين مزاري

اسان جي نااهل حڪومت اڄ به آمريڪا کان ڊڄي پئي

۽ جنگ جي خاتمي لاءِ سعودي عرب جي قدمن ۾ مثبت اڳڀرائي آهي

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) پي ٽي آءِ اڳواڻ ۽ انساني حقن واري اڳوڻي وفاقي وزير شيرين مزاري چيو آهي ته اسان جي نااهل حڪومت اڄ به آمريڪا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڪراچي ۾ هٿياربندن جي فائرنگ، سڪيورٽي گارڊ مارجي ويو

بلوچ ڪالوني ايڊمن سوسائٽي ويجهو هٿياربندن جي فائرنگ ۾ اڇر خان مارجي ويو

جاچ جاري آهي، مارجي ويل گارڊ جو تعلق جيڪب آباد سان هو : پوليس

ڪراچي (م ڊ)ڪراچي جي علائقي بلوچ ڪالوني ۾ رات دير سان هٿياربندن جي فائرنگ ۾ 20 ورهين جو سيڪيورٽي گارڊ مارجي ويو پوليس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اسلام آباد: وزيراعظم جي صلاحڪار انجنيئر امير مقام سان انڊونيشيا جو سفير ملاقات ڪري رهيو آهي

آمريڪي ڊالر جي قدر ۾ مسلسل لاٿ ڪيترن ئي ڏينهن کان جاري

ڪاروبار جي شروعات تي، انٽربينڪ تي ڊالر جي قيمت وڌيڪ گهٽجي وئي

انٽربئنڪ ۾ ڊالر 41 پئسا سستو ٿيڻ بعد ڊالر 284 رپيا 50 پئسا ٿي ويو

ڪراچي (رپورٽر) آمريڪي ڊالر جي قدر ۾ مسلسل لاٿ ڪيترن ئي ڏينهن کان جاري آهي. جنهن سبب پاڪستاني رپئي جي قدر ۾ ڪجهه بهتري آئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

لاهور هاءِ ڪورٽ پاران عمران خان جي حفاظتي ضمانت منظور

ڇا توهان لاڳاپيل عدالت ۾ پيش ٿي ضمانت وٺڻ چاهيو ٿا؟ : جسٽس علي باقر نجفي

اسان لاڳاپيل عدالت سان رجوع ڪرڻ چاهيون ٿا، 18 اپريل تي اسلام آباد وڃي رهيا آهيون : عمران خان جو وڪيل

جسٽس علي باقر نجفي عمران خان جي 26 اپريل تائين حفاظتي ضمانت منظور ڪري ورتي

لاهور (م ڊ) لاهور هاءِ ڪورٽ اسلام آباد جي رمنا ٿاڻي ۾ داخل ڪيس ۾ عمران خان جي 26 اپريل تائين حفاظتي ضمانت منظور ڪري ورتي. جسٽس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

عمران خان پيشي لاءِ عدالت اچي رهيو آهي

اليڪشن ايڪٽ ۾ ترميم، نويد قمر پارلياماني ڪميٽي جو ڪنوينر مقرر

اپوزيشن ميمبر پي ٽي آءِ سينيٽر علي ظفر ڪميٽي جي اجلاس ۾ شرڪت نه ڪئي

علي ظفر شايد اجلاس ۾ نه اچڻ چاهي، جنهن بعد رابطا ڪميٽي نويد قمر کي ڪنوينر چونڊيو ويو

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) اليڪشن ايڪٽ جي آرٽيڪل 57_1 ۽ 58 ۾ ترميم جي معاملي تي پارلياماني ڪميٽي جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ نويد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي ۾ پيپلز اليڪٽرڪ بس سروس جي نئين روٽ جو افتتاح

سيڪريٽري ٽرانسپورٽ سنڌ عبدالحليم شيخ پيپلز اليڪٽرڪ بس سروس جي نئين روٽ جو افتتاح ڪيو

وفاق وڌيڪ 300 بسون طلب ڪيون آهن، جون تائين بسن جو انگ 350 ٿي ويندو : عبدالحليم شيخ

ڪراچي کي ڪل 10 هزار بسن جي ضرورت آهي، وڏي وزير رستن کي بهتر بڻائڻ لاءِ خصوصي گرانٽ جي منظوري ڏني آهي

ڪراچي (م ڊ) سيڪريٽري ٽرانسپورٽ سنڌ عبدالحليم شيخ ڪراچي ۾ پيپلز اليڪٽرڪ بس سروس جي نئين روٽ جو افتتاح ڪيو انتظاميا موجب پيپلز اليڪٽرڪ بس بحريا ٽائون کان مليرهالٽ تائين هلندي، شروعاتي طور تي ان روٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي: افتتاحي تقريب کان اڳ بسون روٽ تي بيٺل نظر اچي رهيون آهن

ماحوليات واري وزير شيري رحمان کي 100 بااثر ماڻهن جي فهرست ۾ شامل

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪا جي مشهور ميگزين ٽائم ميگزين ماحوليات واري وزير شيري رحمان کي 100 بااثر ماڻهن جي فهرست ۾ شامل ڪيو آهي. جرنل جي ويب سائيٽ تي جاري ڪيل پيغام ۾ چيو ويو آهي ته عالمي ڪاربن جي اخراج ۾ پاڪستان جو حصو تمام ٿورڙو آهي پر ماحولياتي بحران سبب گذريل سال پاڪستان جو هڪ ٽيون حصو ٻوڏ ۾ ٻڏي ويو جرنل جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

نئوديرو پرسان سنڌو درياءَ مان نوجوان جو تشدد ٿيل لاش هٿ

هٿ آيل لاش جي سڃاڻپ 23 ورهين جي عامر پٽ قربان ٻرڙو طور ٿي

نوجوان کي تشدد بعد گولين هڻي قتل ڪيو ويو آهي : پوليس

نئون ديرو(رپورٽر) ڪيٽي ممتاز ٿاڻي جي حد ٻرڙا پٽڻ وٽان سنڌو درياءَ مان نوجوان جي هٿ آيل لاش جي سڃاڻپ شهر جي مراد ڪالوني جي رهواسي 23 ورهين جي عامر پٽ قربان ٻرڙو طور ڪئي وئي آهي، جيڪو اڳ نجي ڪمپنيءَ ۾ ملازمت ڪندڙ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي جي چڙيا گهر ۾ بيمار هاٿي نورجهان جي حالت نازڪ ٿي وئي

بيمار هاٿي نورجهان پنهنجي پڃري اندر ٺهيل تلاءَ اندر وئي ته نڪري نه سگهي گهڻو وقت پاڻيءَ ۾ ليٽيل رهي

هاٿي گهڻو وقت هڪ جڳهه تي ويهي به نٿو سگهي هاٿي کي شام پنج وڳي ڪرين ذريعي تلاءَ مان ڪڍيو ويو : طبي ماهر

متاثر هاٿي هٿن پيرن جي حرڪت به گهٽائي ڇڏي آهي، جيڪا ڳڻتي جوڳي ڳالهه آهي

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي جي چڙيا گهر ۾ بيمار هاٿي نورجهان پنهنجي پڃري اندر ٺهيل تلاءَ اندر وئي ته نڪري نه سگهي گهڻو وقت پاڻيءَ ۾ ليٽيل رهي، طبي ماهرن موجب هاٿي گهڻو وقت هڪ جڳهه تي ويهي به نٿو سگهي هاٿي کي شام پنج /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: چڙيا گهر ۾ هاٿي نورجهان کي ڪرين ذريعي تلاءَ مان ڪڍيو پيو وڃي

ڪراچي جي چڙيا گهر کي بند ڪيو وڃي: بختاور ڀٽو

ڪراچي (م ڊ) اڳوڻي صدر آصف علي زرداري جي ڌيءَ بختاور ڀٽو زرداري چيو آهي ته چڙيا گهر کي بند ڪيو وڃي. سماجي رابطن واري ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي بختاور ڀٽو زرداري لکيو ته چڙيا گهر جا معاملا هلائڻ ڪي ايم سي جي وس کان ٻاهر آهي. ياد رهي ته ڪراچي جي زو ۾ بيماري سبب هڪ هاٿي تلاءَ ۾ ڪري پيو. جانور کي بچائڻ لاءِ جوڳا قدم کنيا وڃن. نورجهان هاٿي جي بيماري تي افسوس آهي.

ٺل پرسان ارڙي وگهي 2 معصوم ٻارڙا فوت، صحت کاتو ننڊ ستل

ڳوٺ آصف ڪوسو ۾ حفيظ الله وڄلوجا ٻه معصوم ٻارڙا ارڙي جي موذي مرض ۾ مبتلا هجڻ سبب فوت ٿي ويا

3 ورهين جو ظفرالله ۽ 18 مهينن جي پروينه فوت ٿي ويا. واقعي بعد گهر ڪهرام مچي ويو

ٺل (م ڊ) ٺل ضلعي انتظاميا ۽ صحت کاتي جي نااهلي ۽ لاپرواهي سبب ڳوٺ آصف ڪرسو ۾ حفيظ الله وڄلوجا ٻه معصوم ٻارڙا ارڙي جي موذي مرض ۾ مبتلا هجڻ سبب فوت ٿي ويا. جنهن ۾ 3 ورهين جو ظفرالله ۽ 18 مهينن جي پروينه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

دڙي ويجهو ڪچي پل تان لنگهندي 2 معصوم پائر ڪري ٻڏي فوت

غلام حسين ۽ غلام رسول ملاح ڪچي ڪاٺ جي پل تان لنگهي رهيا هئا ته پير ترڪڻ سبب پاڻي ۾ ڪري پيا

معصوم ٻائرن جا لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ماءُ کي بيهوشي جا دورا پئجي ويا ، عيد خوشيون ماتم ۾ تبديل

دڙو(رپورٽر) دڙي ويجهو ڪچي پل تان لنگهندي 2 معصوم پائر ڪري ٻڏي فوت ٿي ويا آهنغريب پورهيت ذوالفقار عرف پتو ملاح جا ٻه معصوم پٽ 5 سالا غلام حسين ۽ 3 سالا معصوم غلام رسول ملاح پنهنجي گهر اڳيان شيرواهه مٿان اڏيل ڪچي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

دڙي: ڪچي پل تان لنگهندي ڪري فوت ٿي ويل معصوم ٻائرن جا لاش پيل آهن

جيڪب آباد: عورت جو پاڻ مٿان پسٽل جو فائر ڪري خودڪشي جي ڪوشش

وارثن ضميران زال گلزار جکراڻي کي زخمي حالت ۾ کڻائي سول اسپتال پهچايو

واقعي بابت ڪابه ڄاڻ ناهي وارثن اسان کي اطلاع ناهي ڪيو : پوليس

جيڪب آباد (رپورٽر) جيڪب آباد مولاداد ٿاڻي جي حد ۾ عورت مبينا پاڻ مٿان پسٽل جو فائر ڪري خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي سخت زخمي ٿي پئي، ڳوٺ نوازو جاگير واسڻ 33 ورهين جي ضميران زال گلزار جکراڻي کي زخمي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

حيدرآباد ۾ ٽارگيٽ ڪلنگ جي شڪار ٿيل رٽائرڊ ايس پي جي پٽ جي پوسٽ مارٽم رپورٽ ۾ ڇرڪائيندڙ انڪشاف

شروعاتي پوسٽ مارٽم رپورٽ ۾ انڪشاف ٿيو آهي ته نوجوان ارسلان کي فائرنگ دوران هٿياربندن جون 12 گوليون لڳيون

فائرنگ دوران ارسلان کي 4 گوليون ڇاتي، 2 پٺي کان، هڪ دماغ، 2 ٻانهن ۾، هڪ گولي هٿ تي ۽ 2 گوليون ڪيس جنگهن ۾ لڳيون آهن: پوليس

پوسٽ مارٽم دوران جسم جي مختلف حصن مان 9 ايم ايم پسٽل جون 2 گوليون مليون، جيڪي پوليس حوالي ڪيون ويون

حيدرآباد (رپورٽر) قاسم آباد جي نسيم نگر فيز 2 واري علائقي ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ مارجي ويل رٽائرڊ ايس پي جي پٽ جي واقعي جا سي سي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ٽنڊو غلام حيدر ۾ گهرو پريشانين کان تنگ ٿي نوجوان زندگي جو انت آڻي ڇڏيو

نوجوان ڏيون پٽ پارو ڪولهي زرعي زمين ۾ بيٺل وڻ ۾ ڦاهو کائي انت آندو

ضروري قانوني ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽر) ٽنڊي غلام حيدر پرسان سال پوءِ وٽ مبينا طور گهرو پريشانين کان تنگ ٿي نوجوان ڏيون پٽ پارو ڪولهي زرعي زمين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

جهڏو ۾ سنڌي شاگرد تحريڪ طرفان نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي شاگردن کان هٿرادو فيسون وٺڻ خلاف احتجاج

جهڏو (رپورٽر) جهڏو ۾ سنڌي شاگرد تحريڪ تعلقي جهڏي طرفان سڄي سنڌ ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ۽ تعليمي بورڊن پاران نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي شاگردن کان هٿرادو فيسون وٺڻ خلاف ضلعي ميرپورخاص جي آرگنائيزر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

جهڏو: سنڌي شاگرد تحريڪ طرفان نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي شاگردن کان هٿرادو فيسون وٺڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

نگران وڏو وزير 23 اپريل کانپوءِ چيڪن تي صحيح نه ڪري سگهندو: فواد چوڌري

ريفرنس جو مسودو تيار ڪري رهيا آهيون، جيڪو اليڪشن ڪميشن ڏانهن اماڻيو ويندو

عمران خان جي مقبوليت جي اوچائي سندس پارليامينٽ تان استعيفيٰ ۽ اسيمبليون ٽوڙڻ آهي

بينظير ڀٽو جي شهادت تي اتفاق راءِ سان اليڪشن ملتوي ڪئي وئي، معاملو عدالت ۾ نه ويو

لاهور (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ فواد چوڌري جو چوڻ آهي ته پنجاب جو نگران وڏو وزير 22 اپريل تي 90 ڏينهن پورا ڪندو. 23 اپريل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

سعودي عرب دنيا جي مهانگي ترين ٽي ٽوئنٽي ليگ جو منصوبو تيار ڪري ورتو

رياض (م ڊ) سعودي عرب دنيا جي مهانگي ترين ٽي ٽوئنٽي ليگ جو منصوبو تيار ڪري ورتو آهي آسٽريلوي ميڊيا جي رپورٽ موجب دنيا جي مهانگي ترين ڪرڪيٽ ٽي ٽوئنٽي ليگ لاءِ سعودي عرب جي حڪومت انڊين پريميئر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

اسان جي گهرن تي بنا وارنٽ ڇاپا هنيا پيا وڃن: پرويز الاهي

پوليس اڌ ڪلاڪ ڪنجهه هائوس ٻاهران بيهي رهي

اسان انهن فاشسٽ حڪمت عملين کان ڊڄڻ وارا نه آهيون

لاهور(مانيٽرنگ ڊيسڪ)پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي الزام هنيو آهي ته گجرات ۾ سندس رهائشگاهه تي پوليس پاران گهيرو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

اوباوڙو ٽائون ايڊمنسٽريٽر عبدالرحمان سومرو جي نااهلي سبب گندو پاڻي روڊن تي بيٺل

بيٺل اوباوڙو نمازي روزيدار سخت پريشان ٽائون آفيس اڳيان بہ نالين جو گندو پاڻي بهجي ويو

احتجاج ڪندڙ ملازمن کي نوڪري مان نڪيالي جي ڌمڪين ڪانپوءِ ملازم سخت پريشان ٿي ويا

ايڊمنسٽريٽر کي بدلي ڪري نئون ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪري اسان مزدورن کي عيد کان اڳ پگھار ڪرائي وڃي

اوباوڙو (رپورٽ:غلام علي رند) اوباوڙو ٽائون ايڊ منسٽريٽر عبدالرحمان سومرو جي نااهلي سبب ٽائون ڪاٽي ۾ سوين ملازم هجڻ باوجود شهر جي نالين جو گندو پاڻي روڊن رستن تي بيٺل اوباوڙو نمازي روزيدار سخت پريشان ٽائون آفيس اڳيان بہ نالين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ايڪتا تنظيم

اوباوڙو: ٽائون انتظاميا جي نااهلي سبب روڊ تي گٽر جو پاڻي بيٺل آهي

شڪارپور ۾ پوليس مقابلو، هڪ ڦورو زخمي حالت ۾ گرفتار، زرخيل لنڪ روڊ طرف فرار ٿي ويا ايس ايڇ ونيوفوجداري بروقت ڦورن جو پيڇو ڪيو: عملدار

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) شڪارپور ۾ پوليس مقابلو، هڪ ڦورو زخمي حالت ۾ گرفتار، خبر موجب شڪارپور جي علائقي نيوفوجداري ٿاڻي جي حد زخيل لنڪ روڊ تي پوليس ۽ ڌوهارين ۾ مقابلو ٿيو هڪ ڦورو زخمي حالت ۾ گرفتار ۽ ڦر ٿيل موٽرسائيڪل، ٽي ٽي پسٽل ۽ پنج گوليون هٿ، ڪيون ويون. هڪ ڦورو فرار ٿي ويو./بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڪراچي مخدوم بلاول سامهون نواب پکوان تي فائرنگ وارو معاملو: جوابدارن خلاف ڪيس داخل

ايس ايڇ او جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ بجاءِ درخواست ڏيندڙن تي ڪيس داخل ڪري گرفتاريون شروع ڪيون

پکوان سينٽر حملي دوران زخمي نوجوان جي ڳنڀير حالت ۾ ڊائو اسپتال ۾ داخل آهي، گرفتاريون نہ ٿيون

ڪراچي (رپورٽر) مخدوم بلاول سامهون نواب پکوان تي فائرنگ وارو معاملو ايس ايڇ او سچل جو ڪارنامو. جوابدارن خلاف ڪارروائي بجاءِ مدعي خلاف ڪيس داخل ڪري ڇڏيو ايس ايس پي زبير نظير شيخ واقعي جو نوٽيس وٺي لاڳاپيل ايس ايڇ او کان جواب گهري ورتو سچل ٿاڻي جي حد مخدوم بلاول سامهون نواب پکوان تي فائرنگ واري ڪيس ۾ ايس ايڇ او جوابدارن کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نئون ديرو ۾ درگاهه عاليه شيخ السلام حضرت غوث بهاءُالدين زڪريا جو سجاده نشين جو عرس

مخدوم سائين محمد سجاد حسين قريشي جو ساليانو 26هون عرس مبارڪ نئون ديرو ۾ ملهايو ويو

وڪيل غلام رسول ناريجو فقير عبدالرسول ناريجو فقير شاد محمود پٺو، غلام عباس پٺو ۽ ٻيا شريڪ

محمد زين حسين قريشي جي وڏي جمار قريش خاندان جي ٻڌي ۽ ايڪي لاءِ اجتمائي دعا گهري وئي

نئون ديرو (رپورٽ:شاد محمود پٺو) نئون ديرو ۾ درگاهه عاليه شيخ السلام حضرت غوث بهاءُالدين زڪريا المعروف غوث بهاءُ الحق زڪريا ملتاني سهروردي رح ،حضرت شاهه رڪن الدين عالم نوري حضوري رح ، حضرت بيبي پاڪ دامن رح جي سجاده نشين مخدوم المخاديم مرحوم مخدوم سائين محمد سجاد حسين قريشي ملتان شريف جو ساليانو 26هون عرس مبارڪ آستانہ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نئون ديرو: درگاهه عاليه جي سجاده نشين جي عرس جي موقعي تي افطار ڪرايو پيو وڃي

سيٺارجا ۾ شيعا تنظيمن پاران يوم القدس جي سلسلي ۾ ريلي ڪڍي وئي، اسرائيل خلاف نعرا

سيٺارجا (رپورٽر) سيٺارجا ۾ يوم القدس جي ريلي وڏي انگ ۾ مومنين جي شرڪت، يوم القدس اسلام جي بقا آهي اڄ بعد نماز جمع اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن/ اصغريہ آرگنائيزيشن پاڪستان نوجوان شع تنظم سٺارجا شيعا علما ڪائونسلام امام اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن پاران مظلوم فلسطينين جي حمايت ۽ غاصب صيهوني/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٿرپارڪر ۾ اٽي جو بحران وڌي ويو ڪٽڪ خريداري ۾ مبينا چار ڪروڙ رشوت طلب

مٺي ۽ اسلام ڪوٽ جي واپارين وچ ۾ جاري سرد جنگ رڪارڊ ڪرپشن جا راز فاش ڪري ڇڏيا

ڊي ايف سي کي ڏيڍ لک ڏئي پرمينٽون تہ ورتيون هجن ٿيون پر پرمينٽن تحت ڪٽڪ نٿي ڏني وڃي

ڪرپشن جو ڀانڊو ڦاٽڻ بعد ڊي ايف سي سميت فوڊ انسپيڪٽرن تي چٽي تنقيد ڪئي پئي وڃي: ذريعا

اسلام ڪوٽ (رپورٽ:صادق بجير) ٿرپارڪر ۾ اٽي جو بحران ڪٽڪ خريداري ۾ مبينا چار ڪروڙ رشوت طلب ضلعي ۾ ڪيترين بي بوگس چڪين جي نالي ڪروڙين رپين جي ڪٽڪ هڙپ ٿيڻ جو انڪشاف ڊي ايف سي موقف ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو مٺي ۽ اسلام ڪوٽ جي واپارين وچ ۾ جاري سرد جنگ رڪارڊ ڪرپشن جا راز فاش ڪري ڇڏيا سڄاڻ ڌرين پاران ڊي ايف سي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

نوشهروفيروز ۾ جمعة الوداع جي موقعي تي قائد ملت جعفريہ پاران يوم قدس ملهايو ويو

ساجد علي نقوي جي هدايت نتي امامبارگاه ابوتراب کان پريس ڪلب تائين يوم القدس ريلي

مولانا ارباب حسين چانڊيو، اڳوٽي ڊويزنل صدر ۽ ڊويزنل ڪائونسل جي ميمبر ۽ ٻين پاران شرڪت

ايس او پاڪستان سيهون ڊويزن جي صدر محسن علي ساجدي تقريرون ڪيون، اڳواڻن پاران جدوجهد جو عزم

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) نوشهروفيروز ۾ جمعة الوداع جي موقعي تي قائد ملت جعفريہ پاڪستان آيت الله سيد ساجد علي نقوي جي اپيل تي امامبارگاه ابوتراب کان پريس ڪلب تائين يوم القدس ريلي ڪڍي وئي. جنهن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نوشهروفيروز: يوم القدس جي حوالي سان نڪتل ريلي جو ڏيک

گرلس ڊگري ڪاليج نوشهروفيروز ۾ پرنسيپال ۽ عملي ۾ هلندڙ تڪرار مامرو: جاچ ڪاميٽي پهتي

نوشهروفيروز (رپورٽر) گرلس ڊگري ڪاليج نوشهروفيروز ۾ پرنسيپال ۽ عملي ۾ هلندڙ تڪرار مامرو، ريجنل ڊائريڪٽر ڪاليجز شهيد بينظير آباد پاران جوڙيل ڪميٽي پهچي پرنسيپال ۽ ٽيچنگ عملي جا بيان قلمبند ڪيا، ملازمن سان 10 سالن کان ڏيادتيون ڪيون پيون وڃن. ٽيچنگ عملو رپورٽ ميرٽ جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

رمضان شريف جي بابرڪت مهيني ۾ بہ اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ جو سلسلو جاري

آفيسرن توڙي عملي تي رشوت خوري ۽ غير قانوني طور ڪنڊا ڪنيڪشن ڏنا ويا آهن

ڀرپاسي وارن علائقن ۾ روزانو ڪلاڪن جا ڪلاڪ بجلي بند هئڻ سبب روزيدارن جا لاهہ نڪري ويا

هر مهيني بجلي چوري ۽ ڦرلٽ مان لکين رپيا ڪمائي ڪري آمدني کان وڌيڪ اثاثا ناهي ورتا: شهري

سکر (بيورو رپورٽ) رمضان شريف جي بابرڪت مهيني ۾ بہ اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ جو سلسلو جاري. جنهن سبب سکر جا شهري سراپا احتجاج ٻڌجي ويا. سيپڪو جي آفيسرن توڙي عملي تي رشوت خوري ۽ غير قانوني طور ڪنڊا ڪنيڪشن هڻي بجلي چوري ڪرائڻ جا الزام هڻندي سيپڪو عملدارن خلاف سخت نعريبازي ڪئي. بندر روڊ سب ڊويزن فيڊر تي سالن کان مقرر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

يوم القدس جي موقعي ٺٽي ۾ شيعا تنظيمن عزادار ڪائونسل پاران احتجاجي مظاهرو

آزادي ۽ فلسطين تي اسرائيلي قبضي ايڪتا جو اظهار ڪندي ڪري احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو

مولانا علي گوهر ايماني، مولانا عابد حسين ، سيد جاويد شاهہ، زوار آفتاب احمد پٺي پاران شرڪت

يوم القدس عالمي سطح تي فلسطين جي مظلوميت ۽ نصرت مدد لاءِ واحد رستو آهي: اڳواڻن جو خطاب

ٺٽو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) يوم القدس جي موقعي ٺٽي ۾ شيعا تنظيمن عزادار ڪائونسل ۽ لشڪر حسيني پاران بيت المقدس جي آزادي ۽ فلسطين تي اسرائيلي قبضي ايڪتا جو اظهار ڪندي ڪري احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو جڏهن تہ اسرائيل ۽ آمريڪا جا جهنڊا ساڙي اسرائيل خلاف سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن مولانا علي گوهر ايماني، مولانا عابد حسين ، سيد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٺٽو: يوم القدس جي حوالي سان نڪتل ريلي جو ڏيک

ڪڪڙ ۾ مقتول شاگرد ظهير ٻهر جو ڪيس داخل، هڪ گرفتار، جوابدار پاران ڏوهہ مڃڻ کان انڪار

ڪڪڙ (رپورٽر) ڪڪڙ ۾ مقتول شاگرد ظهير ٻهر جو ڪيس داخل هڪ ڄڻو گرفتار جوابدار ڏوهہ مڃڻ کان انڪار خبر موجب 5 ڏينهن اڳ قتل ٿيل مقتول معصوم شاگرد ظهير ٻهر جو وارثن پاران قتل ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيو ڪيس داخل بعد پوليس ڪاروائي ڪندي ڪيس ۾ جاڳايل جوابدار فهيم ٻنهور کي گرفتار ڪري ورتو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

پاڪستان پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ ۾ جوائنٽ ايڊمنسٽريٽو جي عهدي تي غير قانوني مقرري

اسسٽنٽ ايگزيڪٽيو انجنيئر سنجي ڪمار کي جوائنٽ ايڊمنسٽريٽو جي عهدي تي ايڊيشنل چارج ڏني وئي

سپرينٽنڊنٽ اسسٽنٽ ايگزيڪٽيو انجنيئر کي ايڊيشنل جوائنٽ ايڊمنسٽريٽر آفيسر ڪرڻ تي خدشن جو اظهار ڪيو

قانون جي خلاف ورزي ڪندي اعلي اختيارين اسسٽنٽ ايگزيڪٽيو انجنيئر کي ايڊيشنل چارج جوائنٽ ايڊمنسٽريٽر جي عهدي تي تعينات ڪيو ويو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) عجب ڪرپشن جي غضب ڪهاڻي ڊائريڪٽر جنرل آفيس پاڪستان پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ اسلام آباد جي حڪم جي قانون جي خلاف ورزي ڪندي سياسي با اثر اسسٽنٽ ايگزيڪٽيو انجنيئر جي پوسٽ جيڪا ٽيڪنيڪل ۽ فيلڊ پوسٽ هوندي آهي سائٽ ريجن جي ان اسسٽنٽ ايگزيڪٽيو انجنيئر سنجي ڪمار کي پاڪستان پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٺٽي ۾ پاڻي، بجلي جي سنگين بحران خلاف مرحليوار تحريڪ هلائڻ جو فيصلو

ضلعي ۾ قومي عوامي تحريڪ طرفان مرحليوار تحريڪ هلائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي

ممتاز شيخ، بشيرالله سمون، شفيع محمد پليجو، دانش خاصخيلي، شڪيل خاصخيلي شريڪ

ٺٽو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي ضلعي ۾ پاڻي، بجلي جي سنگين بحران خلاف ۽ مختلف ميگا منصوبن طرفان جاري ٽينڊر سي ايس آر فنڊن جو علائقن ۽ شهرن جي فلاحي ۽ بهبود لاءِ درست استعمال ڪرائڻ لاءِ عيدالفطر بعد ٺٽي ضلعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو جي سخت حڪمن تي پوليس پاران ڪارروايون

گجي شهر ۾ گڏيل ڪاروائي ڪانپوءِ ميربحر محلي ۾ ڇاپو هڻي 2 منشيات فروش گرفتار

گٽڪي تيار ڪرڻ جو سامان هٿ ڪري جوابدارن جي خلاف گهارو ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو

ٺٽو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو جي سخت حڪمن ڪانپوءِ گهارو ۽ گجو پوليس پاران گجي شهر ۾ گڏيل ڪاروائي ڪانپوءِ گجو شهر جي ميربحر محلي ۾ ڇاپو هڻي گٽڪي ۽ منشيات جي ڪاروبار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ٺٽو: پوليس ڪارروائي ۾ گرفتار ڪيل منشيات فروش

ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان جي خاص پوليس پارٽي منشيات فروشن خلاف ڪاروائي

الزام هيٺ جوابدار مقبول جسڪاڻي کي گرفتار ڪري 30 ليٽر تيار تيل ڪچو شراب هٿ

غلام نبي ڪيريو جي هدايتن تي حد اندر منشيات فروشن خلاف ڪاروايون ڪيون پيون وڃن

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان غلام نبي ڪيريو جي خاص هدايت تي ايس ايڇ او ستي عمران اختر چانڊيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

غوثپور پرسان ملان ميهون واري علائقي پرسان ڳوٺ ڏنو ميراڻي ۾ گهر سڙي ويا

چُلهہ جي چڻنگ مان باهہ لڳڻ سبب ميهار ميراڻي ۽ ياسين ميراڻي جا گهر سڙي رک ٿي ويا

ڪٽڪ ڪپڙا بسترا ڪٿون نياڻي جو ڏاج روڪ رقم ۽ ٻيو قيمتي سامان سڙي رک ٿي ويو

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور پرسان ملان ميهون واري علائقي پرسان ڳوٺ رئيس ڏنو ميراڻي ۾ چلهہ جي چڻنگ مان اوچتو باهہ لڳڻ سبب ميهار ميراڻي ۽ ياسين ميراڻي جا گهر سڙي رک ٿي ويا ۽ گهر ۾ پيل سمورو سامان سڙي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

غلام الله شهر جي رهواسين پاران نياڻي جي اغوا خلاف احتجاجي مظاهرو

جمعو ملاح مسمات شهربانو ملاح پريس ڪلب غلام الله ۾ احتجاج ڪيو

غمشاد علي ملاح اسان جي نياڻي کي گهران ورغلائي پاڻ سان گڏ وٺي ويو: الزام

ٺٽو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) غلام الله شهر جي رهواسين جمعو ملاح مسمات شهربانو ملاح پريس ڪلب غلام الله ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

پريس ڪلب غلام الله

ٺٽو: غلام الله شهر واسي نياڻي جي اغوا واقعي بابت پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

دادو ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن پاران پگهارون نہ ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

اميدواران محمد حسن مصراڻي پرديپ ڪمار، عمران ڪورائي جي اڳواڻي ۾ ڌرڻو هنيو ويو

خزانہ آفيس جي ڪرپٽ ڪامورن خلاف نوٽيس وٺي استادن جون پگهارون جاري ڪرايون وڃن: اڳواڻ

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن پاران پگهارون نہ ملڻ خلاف خزانہ آفيس اڳيان مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو اميدواران محمد حسن مصراڻي پرديپ ڪمار ، عمران ڪورائي جي اڳواڻي ۾ ڌرڻو هنيو ويو اڳواڻن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سکر ۾ جعفريہ اسٽوڊنٽ آرگنائيزيشن پاران مسجد حسيني کان ريلي ڪڍي وئي

بيت المقدس اسان مسلمانن جو قبل اول آهي جنهن تي اسرائيل قبضو ڪيو آهي: اڳواڻ

علامہ ساجد علي نقوي جي حڪم تي تعلقي سطح تي احتجاج ڪيو پيو وڃي: ڳالهيون

سکر(رپورٽ:امداد علي گل ڪلوڙ) : شيعہ علماء ڪائونسل پاڪستان ضلعي سکر، جعفريہ اسٽوڊنٽ آرگنائيزيشن پاران مسجد حسيني مليٽري روڊ کان ٻاءِ پاس سٽي پوائنٽ تائين اسرائل جي مقبوضہ فلسطن قبلہ اول تي قبضي خلاف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

مرڪزي القدس ريلي

سکر: يوم القدس جي حوالي سان نڪتل ريلي جو ڏيک

دادو ويجهو ڳوٺ چنو مستوئي ۾ عملدارن جي لاپرواهي سبب مسئلا موجود

گورنمينٽ پرائمري اسڪول تعليمي عملدارن جي بي ڌياني سبب استاد مقرر نہ ٿيا

ٻارڙن جو تعليمي مستقبل بچايو وڃي دادو جو سيشن جج خبر جو فوري نوٽيس وٺي: رهواسي

دادو (ن سنڌيار) دادو ويجهو ڳوٺ چنو مستوئي ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول تعليمي عملدارن جي بي ڌياني سبب دڪان ۾ تبديل اسڪول ۾ پڙهندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين جو تعليمي مستقبل تباهہ اسڪول ۾ استاد نہ هجڻ ڪري حڪ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

اسلام ڪوٽ ۾ بااثرن خلاف رهواسين جو احتجاجي مظاهرو

محسن اوٺو صالح اوٺو پاران لٽ برادر ماڻهو ساڻ ڪري گهر تي حملو ڪيو

نهيل گهرن تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏين ٿا: ڳالهيون

اسلام ڪوٽ (رپورٽر)اسلام ڪوٽ ۾ بااثرن خلاف رهواسين جو احتجاجي مظاهرو خبرموجب:اسلام ڪوٽ ڏيپلو روڊ تي آباد رهواسين تاراچند ميگهواڙ،هريش ميگهواڙ پارن سميت پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نئون ديرو لڳ ڳوٺ خانواهہ جرار واسي 35 ورهين جي نوجوان جو ڦاهو ڪاڌل لاش

پوليس کي ملڻ بعد پوليس نوجوان جو لاش پوسٽ مارٽم لاءِ ڪڍائي نئون ديرو اسپتال پهچايو

خالد علي کان پنهنجي زال 2 سال اڳ عدالت معرفت طلاق ورتي هئي: علي جان جرار جون ڳالهيون

نئون ديرو (رپورٽ:شاد محمود پٺو) نئون ديرو لڳ ڳوٺ خانواهہ جرار واسي 35 ورهين جي نوجوان خالد علي پٽ علي جان جرار جو گهر مان ڦاهو ڪاڌل لاش مليو آهي، واقعي جو اطلاع پوليس کي ملڻ بعد پوليس نوجوان جو لاش پوسٽ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نئون ديرو: ڳوٺ خانواهہ جرار واسي آپگهات ڪندڙ خالد جرار جو مڙهہ

گهوٽڪي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي انچارج پاران تذليل ۽ ڪٽوتي جو سلسلو جاري

ڏهرڪي ميرپور ماٿيلو ۾ ڊوائيز مافيا ايجنٽ بي لغام بڻيل، عورتون سروي نہ ٿيڻ سبب وظيفي کان محروم

گرمي لڳڻ سبب چار عورتون بيهوش ٿيڻ جا اطلاع، ضلعي جي پوليس ڊوائيز مافيا ايجنٽن آڏو بيوس بڻيل

ساڃاهہ وندن پاران ايس ايس پي گهوٽڪي تنوير حسين تنيو ايس ايڇ او ميرپور ماٿيلو ايس ايڇ او کان نوٽيس وٺڻ جي گهر

گهوٽڪي (رپورٽ:لالچند موتواڻي) بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي ضلعي انچارج ۽ ايجنٽن جي پيٽا خوري، سبب گهوٽڪي ضلعي جون 60 سيڪڙو مستحق بيواهہ عورتون سروي نہ ٿيڻ سبب وظيفي کان محروم هجڻ ڪري عيد جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

گهوٽڪي: مستحق عورتون ڊوائيس مافيا خلاف احتجاج ڪري رهيون آهن

ايريگيشن ٽريڊ يونينز فيڊريشن اڳواڻ جي پاران سهيل احمد راجپوت سان ملاقات

گهوٽڪي (رپورٽ: لالچند موتواڻي)صدر آل سنڌ ايريگيشن ٽريڊ يونينز فيڊريشن سنڌ جي صوبائي صدر ميان عبدالرحيم پاروجي چيف سيڪريٽري سنڌ سهيل احمد راجپوت سان ڪراچي ۾ ملاقات RBODجي ملازمن کي پڪو ڪرڻ لاءِ درخواست پيش چيف سيڪريٽري پاران سيڪريٽري ايريگيشن کان رپورٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

راڻيپور ۾ ڊاڪٽر پروفيسر اجمل ساوند جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو

ڊاڪٽر نذير کوکر جي اڳواڻي ۾ عبدالقادر شاهہ پبلڪ پارڪ کان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

جاگيردار ۽ سردار سنڌ جي ماڻهن جي خوشحالي نٿا چاهين، ٻي صورت ۾ احتجاج وسيع ڪنداسين

راڻيپور (رپورٽر) راڻيپور ۾ ڊاڪٽر پروفيسر اجمل ساوند جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ڊاڪٽر ذاڪر سولنگي ،ڊاڪٽر قادر سولنگي ، سڪندر سرڪي ،علي حسن ملاح ، علي امداد لاڙڪ، مدد علي ملاح ، ڊاڪٽر نذير کوکر جي اڳواڻي ۾ عبدالقادر شاهہ پبلڪ پارڪ کان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جيڪا راڻيپور جي شاهي بازار کان ٿيندي پريس ڪلب تي پهتي ان موقعي تي اڳواڻن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

دڙو پرسان 2 معصوم پائر شيرواهہ ۾ ٻڏي فوت، لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام

ميرپوربٺورو روڊ شيرواهہ اسٽاپ جي رهندڙ ذوالفقار علي ملاح جا 2 ٻارڙا فوت ٿي ويا

غلام مصطفي ملاح ۽ 3 ورهين جو غلام رسول ملاح شيرواهہ ۾ وهنجندي ٻڏي فوت ٿي ويا

واقعي بعد دڙو ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ سوڳ واري فضا ڇانئجي وئي، اباڻي قبرستان ۾ تدفين

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو پرسان افسوسناڪ واقعو!! 2 معصوم پائر شير واهہ ۾ ٻڏي فوت. ننهي ٻارن جا لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو، عيد جون خوشيون ماتم ۾ تبديل. واقعي بعد سجاول جي ضلعي انتظاميا توڙي ڪنهن بہ چونڊيل نمائيندي متاثر خاندان جي واهر نہ ڪئي. معصوم ٻارن جي سڏڪن ۽ آهون سان تدفين تفصيل موجب دڙو ميرپوربٺورو /بقايا پڙهو صفحو3 نمبر 28

دڙو: شيرواهہ ۾ وهنجندي ٻڏي فوت ٿي ويل ٻن ٻارن جي لاشن مٿان وارث روئي رهيا آهن

سرحد ۾ پنج ڏينهن اڳ ميهڻ گم ٿي ويل، ڳوٺاڻي جو لاش پاڻي ڍنڍ مان هٿ

سرحد(رپورٽ: غلام عباس مهر) پنج ڏينهن اڳ ميهڻ گم ٿي ويل ڳوٺاڻي جو لاش پاڻي ڍنڍ مان هٿ، گهر ۾ ڪهرام، خبرموجب پنج ڏينهن اڳ سرحد پرسان ڳوٺ چاڪر بلاول واسو جي رهواسي چاليهہ سالا ڳوٺاڻي سومر واسو جو لاش آنڊل سندراڻي ٿاڻي جي حد ڪجي جي علائقي سان پاڻي جي ڍنڍ مان گرڙيل حالت ۾ لاش هٿ آيو آهي./بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

بدين ۾ حڪومتي پارٽي سان لاڳاپيل بااثر واپاري جي دڪان ۽ گودام تي ڇاپو، گٽڪي جو سامان برآمد

اي ايس پي جي نگراني ۾ ڇاپو هنيو ويو جنهن دوران لکين رپين جو گٽڪي ۾ استعمال ٿيندڙ سامان برآمد

22 مڻ ڪاٿوڙي من گهٽڪا سوپاري 30 ڪلو گهٽڪا پيڪنگ 30 ڪلو گرام راڪيٽ مصالحو هٿ ڪيو ويو

حڪومتي ڌر سان لاڳاپيل واپارين زبردستي شهر بند ڪرائڻ شروع ڪري ڇڏيو، ايم پي اي پاران واپار جي حمايت

بدين(رپورٽ:ثمرتضيٰ ميمڻ) بدين شهر ۾ حڪومتي پارٽي سان لاڳاپيل با اثر واپاري جي دڪان ۽ گودام تي اي ايس پي جي نگراني ۾ ڇاپو لکين رپين جو گٽڪي ۾ استعمال ٿيندڙ سامان برآمد ڇاپي خلاف اير پي اي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو اي ايس پي ۽ ايس ايس پي بدين کي بدلي ڪرڻ جو مطالبو تفصيل موجب ڪالهہ رات جو هڪ وڳي ڌاري اي ايس پي بدين ماجدا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

سنڌ ملاح فورم جي مرڪزي اڳواڻ ڏاڏا آدم گندرو جي والد جي پهرين ورسي ملهائي وئي

پهرين ورسي تقريب سونڊا لڳ ڪينجهر ڍنڍ ڪناري سونهري ڳوٺ ۾ منعقد ڪئي وئي

رمضان ڀلارو مهمان مهينو آهي، جنهن جو ي احترام ڪري روزا رکڻ گهرجن: عبدالقدوس احمداڻي

ورسي ۾ غلام شفيع سمون، سميع الله گندرو، صحافي محمد ايوب ملاح، ارباب ڪمن سمون خطاب ڪيو

ٺٽو(ڊ ر) سنڌ ملاح فورم جي مرڪزي سينيئر نائب صدر ڏاڏا آدم گندرو ۽ سينيئر استاد حبيب الله گندرو جي والد مرحوم حاجي محمد اسماعيل گندرو جي پهرين ورسي تقريب سونڊا لڳ ڪينجهر ڍنڍ ڪناري سونهري ڳوٺ ۾ منعقد ڪئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ٺٽو: حاجي محمد اسماعيل گندرو جي پهرين ورسي ملهائي پئي وڃي

ڏوڪري فيلڊ ٽيم جي واٽر مينيجمنٽ آفيسر جي نگراني ۾ سيفٽي ڪٽ ورهايا ويا

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري فيلڊ ٽيم جي واٽر مينيجمنٽ آفيسر معشوق علي ميمڻ جي سرپرستي ۾ هلندڙ فارمرز فيلڊ اسڪول (SIAPEP)پروجيڪٽ ورلڊ بينڪ جي تعاون ۽ واٽر مينيجمنٽ ايگريڪلچر ڊپارٽمنٽ ۾ مختلف فصلن جا ڊيمو پلاٽ ڏنا ويا آهن جيڪي سرڪاري خرچ تي ڪرايا ويا آهن ۽ انهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

بدين پوليس پاران گولاڙچي جي ساحلي علائقي ۾ ڇاپو، اغوا ڪيل غلام نبي ڪلمتي بازياب

مرغي فارم تان هٿيار بندن جي طرفان اغوا ڪيل غلام نبي ڪلمتي کي بازياب ڪرائڻ جي دعويٰ

پوليس ڪارروائي ڪندي ڇئن جوابدارن کي گرفتار ڪري ٻہ عدد پسٽل ۽ ايمونيشن برآمد ڪري ورتو

پوليس جي طرفان جوابدارن جي خلاف گولاڙچي ٿاڻي تي پنگ لاءِ اغوا غير قانوني هٿيار رکڻ ڪيس داخل ڪيو ويو

بدين (رپورٽ:مرتضيٰ ميمڻ) بدين پوليس گولاڙچي تعلقي جي ساحلي علائقي احمد راڄو مان اغوا ڪيل غلام نبي ڪلمتي کي بازياب ڪرائي ڇئن ڏوهارين کي گرفتار ڪري ورتو تفصيل موجب ايس ايس پي بدين شاهنواز چاچڙ جي هدايت تي اي ايس پي بدين محمد سعد ايس ڊي پي او گولاڙچي عبدالرحيم خاصخيلي ايس ڊي پي او ٽنڊو باگو ڏٽي بخش مري ايس ايڇ او گولاڙچي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

وفاقي سرڪار جي بيت المال جي طرفان ٽنڊو غلام حيدر ۾ يتيم ٻارن ۾ سامان تقسيم

وفاقي سرڪار طرفان عيد لاءِ غريب مسڪين بي سهارا يتيم ٻارڙن جي سهائتا ڪئي وئي

عيد جون خوشيون پوري دنيا جي مسلمانن لاءِ رحمت جو پيغام آهن: سڪندر مهيري جون ڳالهيون

سوئيٽ هوم جي نالي سان بي سهارا يتيم ٻارڙن لاءِ 3 سالن کان سينٽر هلندڙ آهي: اسسٽنٽ ڊائريڪٽر

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) وفاقي سرڪار جي بيت المال جي طرفان ٽنڊو غلام حيدر ۾ يتيم ٻارن جي سينٽر تي عيد گفٽ تقريب ذريعي ڪين عيد جا تحفا ڏنا ويا ، ٽنڊو غلام حيدر ۾ وفاقي سرڪار طرفان عيد جي گفٽ لاءِ غريب مسڪين بي سهارا يتيم ٻارڙن جي پاڪستان سوئيٽ هوم جي اندر عيد گفٽ تقريب کي اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊو غلام حيدر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

Welcome to
MR. SIKANDER ALI MEHRI
Pakistan Sweet Home

ٽنڊو محمد خان: اي سي سڪندر مهيري ٻارن ۾ عيد جا تحفا ورهائي رهيو آهي

سماجي برائن خلاف قانوني ڪاروائي ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو آهي: ايس ايڇ او ٻيرلوءِ

خيرپور (رپورٽر) ٻيرلوءِ ٿاڻي جي ايس ايڇ او انعام علي ڪلهوڙو صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ ٻيرلوءِ، اپڙي، ڪرم آباد. ٽيڙهي ۽ ان جي آس پاس جي علائقن ۾ آڪڙا پرچي بکي راند. آفيم. گٽڪو ،ڀنگ،چرس. شراب ۽ ڪيترن ئي سماجي برائن خلاف سخت قانوني ڪاروائي ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو آهي. ٻيرلوءِ ۾ امن امان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

مورو پرسان ڳوٺ سهڙا جي رهواسي پاران بااثرن جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج

بااثر خير محمد ڪوريجو زرعي زمين تي زبردستي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو: مير محمد ڪوريجو

زرعي زمين نہ ڏيڻ جي صورت ۾ هو مسلسل اسان کي قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي

وڪلاءِ برادري معاملي ۾ ڪردار ادا ڪري علائقي اندر نوجوان ٿيڻ کان بچايو وڃي، بااثر خير محمد ڪوريجو خلاف ڪارروائي ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي

نوشهرو فيروز(ڊ ر) مورو پرسان ڳوٺ سهڙا جي رهواسي مير محمد ڪوريجو بااثرن جي مبينا زيادتين خلاف ميڊيا سينٽر تي احتجاج ڪندي ٻڌايو تہ مون 15 ايڪڙ زرعي زمين مسمات خاتون ڪوريجو کان ورتي هئي جنهن جا اصل ڪاغذات مون وٽ موجود آهن ان جي باوجود بااثر خير محمد ڪوريجو زرعي زمين تي زبردستي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو جڏهن تہ ڪجهہ ڏينهن اڳ خير/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ڇنڇر 15 اپريل 2023 ع

حيدرآباد ۾ وڌندڙ بدامني

سنڌ ۾ بد امني خلاف ٿيندڙ احتجاج ۽ مظاهرا ڇڻ حڪومت جو ڌيان ڇڪائين ئي نٿا. سنڌ ۾ اغوا، ڦرون ۽ ڌاڙن جو سلسلو جيئن جو تيئن جاري آهي. اهڙي ريت شهرين کي قتل ڪرڻ جو سلسلو بہ هلندڙ آهي. جڏهن تہ عوام سدائين اهو چاهيو آهي تہ سنڌ جي هر شهر ۾ امن امان جي صورتحال بهتر هجي تہ جيئن ڪنهن بہ قسم جي اڻوڻندڙ صورتحال پيدا نہ ٿي سگهي. پر هيستائين اهڙو ڪجهہ بہ نہ ٿي سگهيو آهي. نتيجي ۾ بد امنيءَ جي ٻاھ هڪ شهر کان ٻئي شهر تائين پکڙجڻ ۾ دير نٿي لڳي، تنهنڪري حيدرآباد بہ بد امنيءَ کان بچيل ڪونهي. ڪڏهن ڪو شهري اغوا ٿئي ٿو تہ ڪڏهن وري قتل ٿي ويندو آهي. ڪالهہ بہ اهڙي ئي هڪ خبر رپورٽ ٿي آهي، جنهن کي پڙهي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ حيدرآباد ۾ بد امنيءَ جي ٻاھ جهڪي ڪونہ ٿي آهي. هتڙي وٽ اڳوڻي يوسي چيئرمين ۽ پ پ اڳواڻ کي گوليون هڻي قتل ڪيو ويو آهي.

حيدرآباد ۾ هتڙي وٽ هٿياربندن اڳوڻي يوسي چيئرمين ۽ پ پ اڳواڻ ذوالفقار شاھ عرف ڪامل شاھ کي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو آهي. هتڙي بائي پاس وٽ موٽرسائيڪل تي سوار 2 هٿياربندن گوليون هڻي 50 ورهين جي ذوالفقار شاھ عرف ڪامل شاھ کي قتل ڪري فرار ٿي ويا. قتل واري واقعي کان پوءِ ڳوٺاڻا ۽ پ پ ڪارڪن وڏي انگ ۾ حيدرآباد سول اسپتال پهچي ويا. پوسٽ مارٽم کان پوءِ لاش وارثن حوالي ڪيو ويو. جڏهن تہ لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو. قتل جو واقعو روزو کولڻ کان اڳ ۾ پيش آيو. مقتول هتڙيءَ جو اڳوڻو يوسي چيئرمين ۽ مقامي پ پ اڳواڻ ٻڌايو پيو وڃي. ان ڏس ۾ ايس ايڇ او هتڙي ڪاشف گاڏهي ٻڌايو تہ پ پ اڳواڻ ڪامل شاھ جي قتل واقعي جي جاچ ڪريون پيا. هو نئين ٺاهيل گهر ڏانهن ڪار ۾ آيو پئي تہ هٿياربند کيس قتل ڪري فرار ٿي ويا. هن چيو تہ جوابدارن مقتول تي 8 فائر ڪيا، جنهن ۾ مقتول کي بہ گوليون لڳيون، باقي 6 گوليون ڪار کي لڳل آهن. هڪ گولي دل مان آرپار ٿي وئي، هڪ گولي هيٺ لڳي آهي. هن چيو تہ قاتل ترت گرفتار ڪيا ويندا. قتل جو ڪارڻ معلوم نہ ٿي سگهيو آهي. آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نہ ٿيو هو.

اسين سمجهون ٿا تہ سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال بهتر نظر ڪونہ پئي اچي. پوليس جو ڪم آهي تہ اها هر شهر ۾ امن امان جي صورتحال کي برقرار رکي. ڇاڪاڻ تہ پوليس جو ڪم عوام جي جان مال جي حفاظت ڪرڻ هوندو آهي. پوليس جيڪڏهن شهرين جي حفاظت نٿي ڪري سگهي ۽ امن امان جي صورتحال کي بهتر نٿي ڪري سگهي تہ ان جو مطلب اهو آهي تہ پوليس پنهنجو ڪردار سٺي نموني ڪونہ نڀائي رهي آهي ۽ اها شهرين جو تحفظ ڪرڻ ۾ ناڪام وئي آهي. تنهنڪري ضرورت ان ڳالھ جي آهي تہ ان واقعي جي هر پاسي کان جاچ ڪئي وڃي ۽ جيڪي ماڻهو بہ ذوالفقار شاھ جي قتل ۾ ملوث آهن. انهن کي قانون موجب سزا ڏني وڃي.

❋❋❋❋❋

سنڌ جي سچي سيد هڪ امر ڪردار، هڪ باب جي پڄاڻي

بلال جانوري

آل نبي اولاد علي قبلا سائين سيد پير طريقت رهبرشريعت سرمايہ حسينيت مجاهد اهلسنت سيد نصير احمد شاھ بخاري حسيني نقشبندي رح

از قلم: فقير محمد بلال حسيني مدرس سيد شهيد شفيق احمد شاھ بخاري حسيني رح ڪوٽڙي ڄامشورو علي جي اولاد کي جيڪو پائين گهٽ، پاڙون تن پليٽن جون پرور سگهو پٽ، خفو ۽ خفت لهندن ڪين لطيف چئي. (ڀٽائي رح) علماء ڪرام فرمائين ٿا تہ سيد يعني اهلبيت اگر ضرورتمند آهي تہ ان جي ان لاءِ خاطر داري يا خدمت ان نيت سان نہ ڪيو تہ اهو ضرورتمند يا حاجتمند آهي پر ان لاءِ ڪريو تہ اهو اهلبيت آهي ۽ ان جي گهراڻي يعني ناني جي صدقي ۾ ڪائنات جو چرخو هلي رهيو آهي ۽ ان پاڪ گهراڻي جي صدقي ۾ اسان جي مغفرت ٿيندي، ممبر رسول حقيتي معني ۾ اهلبيت جي سونهن آهي عالم، صاحب تقوي پرهيزگار نيڪ دل خوش مزاج، فڪري خيال جو پيروڪار شخص بہ هجي ۽ وري سيد تہ فضليت وڌي ويندي آهي هر قوم جي پنهنجي الڳ الڳ سڃاڻپ، پهچان هوندي آهي ۽ انهن جي اولين ترجيح بہ اهيا هوندي آهي تہ تاريخ جي صفن ۾ پنهنجي قوم جي وجود جي عظمت، پنهنجي قوم کي تاريخي زوايي مان ثابت ڪرڻ گهرجي، مان پنهنجو ذاتي مثال وٺان ٿو مونکي بہ پنهنجي قوم جانوري کي ثابت ڪرڻ لاءِ لازمي تاريخ جي ورقن ۾ پنهنجي پهچان جا ثبوت لازمي ڪتابن مان ڳولڻ، دليل ڏيڻ، ۽ قوم کي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪتابي حوالا ڏيڻ لازمي هوندا، پر جتي ڳالھ اچي سيد جي ذاتي اسان کي ڪنهن بہ دنياوي ڪتاب، فڪر، خيال، دليل، عقلي، علمي فهم ذهن ۾ رکي هيڏانهن هوڏي ڏسڻ جي ضرورت ئي نہ هوندي صرف قرآن پاڪ ڪلام الله جي آيت ئي ڪافي آهي، اصل مقصد اهيو آهي تہ جنهن ذات جي گواهي. يا جنهن ذات جي پهچان جي نسبت سرور دو جهان خاتم النبيين يتيمن جي يار آڙين جي آذار جي گهراڻي سان هجي، ان لاءِ دليلن جي ضرورت حلالي نسل کي تہ نہ پوندي، اڄ جي هي مضمون ، تعريف، مجاهد، عاشق رسول، فنا في الشيخ سادي، محبتي طبيعت جي عظيم روحاني شخصيت قبلا سيد نصير احمد شاھ بخاري حسيني نقشبندي جن جي ڪيل ظاهري، باطني عمل، زندگيءَ جي لاھ چاڙهن، ۽ سائين جن جي زندگيءَ جي سفر تي آهي. سائين جن جي پيدائش دادو ضلعي جي مشهور شهر پاٽ شريف کان ٽي ڪلو ميٽر اڳيان نئدڙي ڳوٺ دبي ۾ سيد موريل شاھ بخاري جي گهر ۾ 1971-1-1 تي سيد موريل شاھ بخاري پاڻ ولايت جي درجي تي هئا ۽ سندن جو فيض عام جام هو سندن جو ڪرامتون آسپاس جي ڳوٺن ۾ اڄ تائين ياد ڪيون وينديون آهن اڄ بہ جڏهن سيد موريل شاھ جو نالو ڪچهري ۾ اوطاقن تي ورتو ويندو آهي تہ دبي جي پرسان سيالن جي ڳوٺ ۾ سائين جن کي عرض ڪيو ويو تہ اگر اوهان صحيح آهيو تہ دعا ڪيو مينهن وسي سائين فرمايو آ فقير ماڻهون آهيان اوهان وانگر عام انسان آهيان مينهن رب ڪريم جي مرضي ۽ ان جي حڪم تحت ئي وسندو آهي پر انهن پنجابين کي ضد هئي تہ اگر سيد آهيو سچا آهيو تہ دعا ڪيو سائين جن ڏنو تہ هاڻي هي آپي کان ٻاهر پيا ٿين تہ دعا لاءِ هٿ ڪنيا ڪجھ دير بعد ڪڪر، ڪنوڻ، گجگوڙ ۽ بارش ڪجھ دير لاءِ وسڻ شروع ٿي وئي، سائين جن جي اولاد ۾ سائين جا فرزند ۽ نياڻيون پڻ آهن پر چوندا آهن تہ جيڪو رب جي ويجهو ٿيڻو هوندو آهي ان کي رب پنهنجي لاءِ مخصوص ڪندو آهي، سائين ابتدائي تعليم پنهنجي ئي ڳوٺ مان حاصل ڪئي، بعد ۾ مختلف جڳهين تي ديني تعليم لاءِ بہ نڪتا ۽ رحماني ننگر ۾ رهائش پزير ٿيا، اهيو بہ هڪ عام زاويو آهي تہ منزل هجرت ڪرڻ ۾ ملندي آهي اتي روحانيت جي رستي جي پرچار لاءِ واقف روحانيت کي حاصل ڪرڻ لاءِ، طالب تي طلب جي حاجت رکي، مطلوب محبت بخشي، مرشد شمس العارفين راحت المساڪين غوث الزمان شيخ المشائخ بدرالملت امام اهلسنت فخر سيد وسادات مرشدي سيدي قمبر واري سردار جن جي عظيم آستاني جا مريد ٿيا، سائين پاڻ کي مرشد جي محبت، عظمت ۾ فنا ڪري ڇڏيو جڏهن مرشد جي محبت ۾ ڪير فنا ٿيندو آهي ۽ دنياوي زندگيءَ کان بيزاري ظاهر ڪندو آهي تہ سڀ کان پهرين سنڌس پنهنجا ئي سامهون ايندا آهن، اهو ئي سلسلو قبلا سائين سان بہ رهيو، پر الله پاڪ پاڻ فرمايو آهي مان رب جنهن کي چاهيان عزت ڏيان سو جنهن کي رب رکي ان کي ڪير چڪي، سائين جن جو عقيدي اهلسنت جا انتهائي سخت ۽ شرعي حوالي سان پابند رهن جا عادي ڪافي ماڻهن لاءِ باعث تڪليف بڻجندا ويا ايتري قدر جو مخالفت ڪندڙن سائين کي طرح طرح جون تڪليفون ڏنيون، سائين تبليغ دين، ۽ فڪر مرشد جا پيروڪار بغير ڪنهن قسم جي پوئتي هٽڻ جي اڳيان وڌي محنت ڪندا رهيا ۽ مختلف جڳهين تي مسجدن ۾ دين حق، مسلڪ اهلسنت مسلڪ حق، ۽ فڪر مرشد ڪريم کي عام ڪرڻ جو جذبو قائم و دائم رکيو ۽ نروار ٿيندا ويا سائين جن رحماني ننگر ۾ دارالعلوم مدرس گلزار حبيب جو بنياد رکيو اتي پڙهندڙ طلباء اڪثر دادو ضلعي جي مسجدن ۾ امامت جا فرائض سرانجام ڏيئي رهيا آهن، شايد مضمون پڙهندڙن مان ڪافي ماڻهن کي ان ڳالھ جو علم بہ نہ هوندو تہ ڳوٺ دبي تمام پٺتي پيل آهي ۽ آسپاس جي ڳوٺن ۾ جهالت، مذهب کان دوري تمام گهڻي هئي سائين جي خدمت محنت جي جذبي ۽ پروگرامن آسپاس جي ڳوٺن ۾ ڪلمہ طيب، ديني، شرعي مسئلن، فڪر مرشدي و مربي قمبر واري سردار جي محبت جي پرچار وڌندي وئي ۽ سڄو ڏينهن گار گند ڪرڻ وارا، جهيڙا، فتنہ فساد، دين کان اورانهين پنڌ ويندڙ، هٿن ۾ هٿيار کڻي دشمني جي ور چڙهيل، پوءِ حافظ قرآن عالم دين بڻجي دين جي تبليغ ۽ خدمت ۾ مصروف ٿي ويا، سائين جن جي مدرسي مان تمام گهڻي تعداد ۾ قرآن شريف جي تعليم حاصل ڪندڙ طلباء علماء فيضياب ٿيندا رهيا آهن، هڪ سنڌ ڌرتيءَ جو مشهور و معروف ثناخوان عاشق رسول صہ شاعر اهلسنت پروانہ مرشد ڪريم فقير سائين طارق حسين حسيني رح جي ۽ روحاني تربيت قبلا سيد سائين نصير احمد شاھ بخاري حسيني ڪئي، سيد بادشاھ دبي ۾ هر مهيني جي تيرهين شريف تي اسلامي پروگرام جو انعقاد ڪندو رهندو هو اتي ڪافي سنڌ جا مشهور و معروف علماء، مشائخ سائين جي دعوت تي آيا، ان تيرهين جي پروگرام ۾ فقير سائين طارق حسين حسيني رح نعت رسول مقبول صہ پڙهي ۽ بعد ۾ شريعت محمدي موجب سنت مبارڪ ڇڏي ۽ نعت خواني جي شعبي سان مرڻ تائين منسلڪ رهيا، مرشد ڪريم شهنشاھ ولايت غوث الزمان شيخ المشائخ بدرالملت امام اهلسنت جي وليداد چانديو ڳوٺ ۾ آمد تي اتي قبلا سائين جي مهرباني جي بدولت فقير سائين رح نعت رسول مقبول صہ پنهنجي ئي شاعري (اسان جا حال هيبٺا ٿئي مديني وارا پارٽ ٿئي) پڙهي جيڪا مرشدن ڪريمن کي تمام گهڻي پسند آئي ۽ سائين ڪريمن فقير رح کي نذرانو بہ ڏنو اتان کان پوءِ فقير سائين رح جو حسيني رنگ عروج تي پهچڻ شروع ٿيو قبلا سائين سيد بادشاھ جي زير نظر دادو ضلعي ۾ مختلف جڳهين تي مسجدون، مدرسا ديني ادارا قائم آهن ، سائين جي محبت سادگي ۽ سچائي جي عيوض سائين سفر مدينہ تي بہ قافلن جي صورت ۾ ويندا رهيا آهن اسان جي سوچ ۽ گمان کان بہ اهيا ڳالھ مٿي آهي تہ سائين جي صدقي ڪيترن ۽ ڪهڙن ماڻهن روضي رسول جي چانئٺ چمي، عام لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي تہ جن ماڻهن کي سائين سفر طيبہ تي پنهنجو رفيق بڻايو اهي جاهل، ڪم عقل، دين کان واڃهيل ماڻهون هئا جن لاءِ جهاز جو سفر هڪ اڻانگهو ۽ حيرت انگيز هيو.

مهربان ۽ مشفق طبيعت رکندڙ سيد سنڌ جي مشهور و معروف ثناخوان محمد سلمان خاصخيلي حسيني کي بہ مديني واري سائين جي روضي جي زيارت نصيب ڪرائي جنهن جو ذڪر هو پنهنجي ذاتي ڏنل انٽرويو ۾ پڻ ڪري چڪو آهي، سيد بادشاھ جي طبيعت جو مزاج امتيازي آهي الله پاڪ سندس جي عزت ۾ اضافو ڪندو رهيو. مرشدن ڪريمن جي محبت ۾ فنائيت جو اهو عالم هو جو مرشدن ڪريمن کان جڏهن ڪوٽڙيءَ ۾ پروگرام جي تاريخ ورتي وئي هئي تہ ان جي بہ ضمانت سائين جن ڏني هئي، ڪجھ ڳالهيون اهڙيون آهن جيڪي مان هن آرٽيڪل ۾ شامل ڪرڻ نہ ٿو چاهيان صرف ايترو ضرور چوندس تہ (مون پڪ سڃاتا پنهنجا ها هٿا ذارين سان گڏي ڏاڙي ۾) سائين کي جيڪي معاملا مسئلا زندگي ۾ تڪليفون آيون اهي اصل ۾ پنهنجن جي هي مهرباني جي ڪري هيون ان لاءِ غير مناسب لڳندو جو مان انهن ڪردارن کي تحرير ۾ واضح ڪيان، ڪجھ وقت ڪانپوءِ انهن سيني کي ان ڳالھ جو جواب ضرور مليو ۽ لازمي انسان ۾ ضمير هوندو آهي سو ملامت بہ ڪٿي هوندي، سائين جون ديني خدمتون بي لوث آهن، جهر جهنگ ۾ رات ڏينهن پنهنجي ناني جي دين جو پيغام ، پنهنجي مرشد هادي و رهبر جي نظرئي فڪر کي عام ڪرڻ ۾ سائين جو ڪو ثاني ناهي، دادو ضلعي ۾ جنهن وقت ڪو وزير رات جو ٻاهر نڪرڻ لاءِ سوچيندو هيو اتي سائين بنا ڪنهن خوف جي دين جي خدمت لاءِ ڏينهن رات سفر ۾ رهيا، سائين دادو شهر ۾ عيد ميلادالنبي صہ جي ريلي عظيم الشان 12 ربيع النور ڪيندا رهندا آهن. ان سان گڏو گڏ مرشدي و مربي جا ڪافي جلسہ پڻ دادو ضلعي ۾ منعقد ڪندا رهيا، ۽ ڪافي پروگرامن ۾ شرڪت ڪندا رهندا آهن، ان سان گڏو گڏ تحريڪ لبيڪ دادو ضلعي جا سرپرست اعلي آهن، جنهن وقت تحريڪ تي پابندي لڳائي وئي ان وقت سائين بہ نظربند هيا ۽ بعد ۾ ڪورٽ سڳوري مان باعزت بري ٿيا.

قافلي جي صورت ۾ پانڌيئڙن کي روضي رسول جي زيارت، خانہ ڪعبہ جي طواف جو شرف عطا ڪرائيندا رهن ٿا، سائين جن کي ٽي پٽ آهن جن ۾ وڏي فرزند جو نالو سيد حبيب احمد شاھ جيڪو عالم دين جي تعليمات حاصل ڪري رهيو آهي ۽ خطابت بہ ڪندو آهي ، پيوسندن فرزند سيد شفيق احمد شاھ جيڪو پڻ ديني تعليم ۽ سائين سان اڪثر رفيق سفر هوندا آهن، ۽ سيد سراج احمد شاھ حسيني نندي ۾ ننڍا صاحبزاده آهن.. جن جي تعليمات جو محور ۽ مرڪز دين اسلام مسلڪ حق اهلسنت جي پرچار، مرشدن ڪريمن جي فڪر کي عام ڪرڻ آهي.

پاڀوهي هيڪارَ، مون کان پُڇيو سَڄڻين؛
اَلَستُ بِرَبِّڪُم، چَيائون جنهن وارَ؛
سَندي سورَ ڪِنارَ، تَنَ تَڏهانڪون نہ لهي.

شانتي نڪيتن ۽ ٽيگور

رئوف نظاماڻي

شانتي نڪيتن هڪ پنج سو سالن کان ترقي ڪندڙ پراڻي شهر بولپور جي ويجهو آهي. 1863 ۾ رائي پور جاگير جي هڪ زميندار ستيڪانتا سنها رابندر ناٿ جي پي ديبندر ناٿ، جيڪو پاڻ هڪ وڏو عالم هو کي زمين جو هڪ ٽڪرو ڏنو تہ جيئن هو اتي غور فڪر ۽ پيو علمي ڪم ڪري سگهي. ويهين صدي جي شروعاتي سالن ۾ ديبندر جي پٽ رابندر ناٿ ان کي دنياوي علمن لاءِ استعمال ڪرڻ جو سوچيو ۽ 1901 ۾ هتي وشوا ڀارتي قائم ڪيس ان جي قائم ڪرڻ جي پويان مک ڳالھ اها هئي تہ ٽيگور پاڻ انڊيا جي تعليمي نظام مان مطمئن نہ هو ڪيس ان وقت جي گهڻن معياري ادارن ۾ داخل ڪرايو ويو پر هو اتي نہ هلي سگهيو ۽ نيٺ ڪيس گهر ۾ استاد رکي پڙهايو ويو پاڻ جي تعليمي نظام منجهس هڪ خوف پيدا ڪري ڇڏيو هو

امرتا سين شانتي نڪيتن ۾ 1941 کان 1951 تائين ڏھ سال رهيو هو جڏهين هتي آيو تہ ٽيگور جي وفات ٿي چڪي هئي. هو هتان جي تعليمي نظام جي خاص ڳالھ اها ٻڌائي ٿو تہ اتي ٻارن کي ڪلاس روم ۾ نہ پر ٻاهر کلي ماحول ۾ ڪنهن وڻ جي هيٺان پڙهايو ويندو هو موسم خراب هئڻ ۽ مينهن وغيره جي صورت ۾ انهن کي اندر ڪمرن ۾ منتقل ڪيو ويندو هو ٻار فرش تي ويهندا هئا ۽ استاد انهن جي آڏو سيمينٽ جي ٺهيل ڏڪي تي ويهندو هو ٻي خاص ڳالھ اها هئي تہ ٻار کي مار ڏيڻ ۽ جسماني تشدد ڪرڻ جي سختي سان منع ٿيل هئي. ان ڳالھ کي ڏٺو ويندو هو تہ ٻار جو ڪهڙو مضمون ڏانهن لاڙو آهي تہ ان ۾ ان کي اڳتي وڌايو ويندو هو هر ٻرو ڪنهن مضمون کي پڙهڻ لاءِ زور زبردستي نہ ڪئي ويندي هئي. ليڪ کي موسيقي ٻڌڻ جو گهڻو شوق هوندو هو پر ڳائڻ وغيره ۾ سندس گهڻي دلچسپي نہ هوندي هئي. سندس موسيقي جي استاد جو اهو اصرار هو تہ ماڻهو جيڪڏهين ڪوشش ڪري تہ ڳائي سگهي ٿو پر هو ڪوشش جي باوجود ان ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهيو ۽ نيٺ استاد کيس موسيقي جي ڪلاس کان مهلت ڏيئي ڇڏي. هتي نهايت قابل ۽ باصلاحيت استاد هوندا هئا پر سندن پگهار نهايت گهٽ هوندي هئي. هتان جو بنيادي اصول آزادي سان عقل جو استعمال هو شاگردن تي پنهنجن خيالن جي اظهار ۽ بحث مباحثي تي ڪا پابندي نہ هئي. هتي هفتي ۾ هڪ ڀيرو ٽيگور مختلف مذهبي ۽ دنيوي معاملن تي ليڪچر ڏيندو هو ٽيگور جي وفات ڪانپو اهو ڪر سندس دوست ۽ ليکڪ جو نانو ڪشتي موڻن ڪندو هو ليکڪ جو چوڻ آهي تہ جيئن ڪيس مذهب سان گهڻي دلچسپي نہ هئي ان ڪري هن ڪشتي موڻن کي چيو تہ هو انهن ليڪچرن ۾ نہ ايندو جنهن تي هن ڪنهن ناراضگي جو اظهار نہ ڪيو شانتي نڪيتن کي ان لحاظ کان آشرم بہ چيو ويندو هو تہ اڳ مندرن سان گڏ جيڪي آشرم هوندا هئا اتي اهڙي تعليم ۽ تربيت ڏني ويندي هئي جيڪا آهستي آهستي ختم ٿيندي وئي.

آزادي عقل سان گڏ شانتي نڪيتن جي تعليمي نظام جو بنيادي اصول هو ليکڪ جو چوڻ آهي تہ هو شروع ۾ سڌارت ٻڌ کان گهڻو متاثر هو ۽ هن پاڻ کي ٻڌ مت جو پوئلڳ چوڻ شروع ڪيو هو جيتوڻيڪ کيس ان مذهب متعلق گهڻي ڄاڻ نہ هئي ۽ نہ ئي هو جتي رهندو هو اتي ميلن تائين ڪو ٻڌمت جو پوئلڳ رهندو هو پر اسڪول پاران کيس هڪ ٻڌمست طور رجسٽرڊ نہ ڪيو ويو سندس ليکي ٻڌازم ڪو مذهب نہ پر هڪ فلسفو آهي جنهن ۾ حضرت عيسيٰ جي تعليم جيان زندگي گذارڻ جا اصول ٻڌايا ويا آهن. ساڳي وقت انهن جي تعليم روسو ۽ جديد دور جي ٻين فلاسافرن جيان سماجي معاهدي جي نظرئي تي ٻڌل ناهي جنهن ۾ ٻنهي فريقن پاران ڏي وٺ ٿئي ٿي. اهو غيرمشروط هوندو آهي بلڪل ائين جڏهين ماءُ پنهنجي ٻار کي ڪير پيئاري ٿي يا ان جي سارسنڀال لهي ٿي تہ موٽ ۾ ان کي ڪنهن اجوري وغيره جي توقع نہ ٿي هجي. ليکڪ موڪلن ۾ ٻين شاگردن سان گڏ پرپاسي جي قبائلي ماڻهن کي تعليم ڏيڻ لاءِ پڻ ويندو هو

ليکڪ ٻين شاگردن ۽ استادن سان گڏ بهار ۾ پاٽلي پترا، جيڪو گپتا ۽ موريا سلطنتن جي گادي جو هنڌ رهيو آهي، جي ويجهو نالندا يونيورسٽي ڏسڻ لاءِ پڻ ويو هو اها يونيورسٽي ٻڌمت ۽ ٻين دنيوي علمن جي تعليم جو هڪ وڏو مرڪز هئي. هتي ڀارت ۽ دنيا جي ٻين گهڻن ملڪن کان آيل اٽڪل ڏھ هزار شاگرد پڙهندا هئا.(هلندڙ)

بقايا ❋❋❋ 01

ميمبرن کي مبارڪباد ڏني ۽ چيو تہ سينٽر آف گريويٽي پاڪستان جو عوام آهي. ذريعن موجب آرمي چيف جنرل عاصم منير چيو تہ طاقت جو محور عوام آهي، آئين چئي ٿو تہ اختيار عوام جي چونڊيل نمائندن ذريعي استعمال ٿيندو آئين ۽ پارليامينٽ عوام جي راءِ جا مظهر آهن عوام پنهنجي راءِ آئين ۽ پارليامينٽ ذريعي استعمال ڪندو آهي. قومي سلامتي ڪميٽي جي ان ڪئميرا سيشن سان گفتگو ڪندي پاڪ فوج جي سربراھ چيو تہ هي نئون آپريشن نہ پر هول آف نيشن اپروچ آهي، الله جي ڪرم سان هن وقت پاڪستان ۾ ڪا نوگو ايريا ناهي، هن چيو تہ اسان کي نئين ۽ پراڻي پاڪستان جو بحث ڇڏي اسان جي پاڪستان جي ڳالھ ڪرڻ گهرجي، پاڪستان وٽ وسيلن ۽ افرادي قوت جي کوٽ ناهي، عوام جا چونڊيل نمائندا منزل مقرر ڪن، پاڪ فوج ملڪي ترقي ۽ ڪاميابي جي سفر ۾ ڀرپور ساٿ ڏيندي.

بقايا ❋❋❋ 02

انساني حقن جون نام نهاد تنظيمون فلسطينين تي ٿيندڙ ظلمن تي خاموش آهن. تقريب ۾ سنڌ جي گورنر، وڏي وزير، وزيرن ۽ مذهبي شخصيتن پڻ شرڪت ڪئي، تقريب ۾ انهن کان علاوه قطر، ڪويت، ترڪي، انڊونيشيا، ملائيشيا، عمان ۽ روس جي قونصل جنرلن بہ شرڪت ڪئي.

بقايا ❋❋❋ 03

اسٽيٽ بينڪ جو گورنر، ناڻي وارو اسپيشل سيڪريٽري ۽ ايڊيشنل سيڪريٽري پڻ عدالت آڏو پيش ٿيا اليڪشن ڪميشن جي سيڪريٽري عدالت کي ٻڌايو تہ وفاقي حڪومت پاران پنجاب ۾ چونڊن لاءِ کيس ڪابہ رقم نہ ڏني وئي آهي جنهن تي عدالت پاران ناڻي واري اسپيشل سيڪريٽري کان پڇائو ڪيو ويو جنهن اليڪشن لاءِ پيسا جاري ڪرڻ کي مشڪل قرار ڏئي ڇڏيو عدالت پنجاب ۾ اليڪشن لاءِ فنڊز جاري نہ ڪرڻ تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ذريعن موجب اٽارني جنرل عدالت کي آگاهي ڏيندي ٻڌايو تہ پارليامينٽ حڪومت کي پنجاب ۾ اليڪشن لاءِ فنڊز جاري ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو آهي انڪري وفاقي حڪومت پارليامينٽ جي فيصلي جي پابند آهي ۽ پنجاب ۾ اليڪشن لاءِ فنڊز جاري نٿي ڪري سگهي عدالت ان چيمبر ٻڌڻي مڪمل ڪندي اسٽيٽ بينڪ جي گورنر کي اليڪشن ڪميشن کي 21 ارب رپيا سڌي رت جاري ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي

بقايا ❋❋❋ 04

. سنڌ جي وڏي وزير چيو تہ انساني رت ۾ پلازما 50 کان 55 سيڪڙو هوندو آهي پلازما ايڪٽ تراما، بيڪٽيريل ۽ وائرل انفيڪشن، مدافعتي نظام، آٽوايميون ڊيز ۽ ٻين صحت جي مسئلن ۽ بيمارين جي علاج لاءِ مفيد آهي. اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو تہ پلازما پراڊڪٽس لاءِ سيڙپڪاري ڪئي وڃي. وڏي وزير جو وڌيڪ چوڻ هو تہ پلازما پراڊڪٽس لاءِ چين ۽ ٻين ملڪن سان ڳالهيون ڪندو. قانون ۾ ضروري ترميمون ڪرڻيون آهن اهي بہ ٻڌايون وڃن.

بقايا ❋❋❋ 05

تي اٽارني جنرل وزيراعظم سان ملاقات لاءِ سپريم ڪورٽ کان فوري وزيراعظم آفيس پهتو ان موقعي تي ميڊيا سان غير رسمي ڳالھ ٻولھ ڪندي اٽارني جنرل منصور عثمان چيو تہ پارليامينٽ حڪومت کي فنڊ جاري ڪرڻ کان روڪيو آهي، هاڻي وفاقي حڪومت کي اليڪشن لاءِ فنڊ جاري ڪرڻ جو اختيار ناهي، اٽارني جنرل وزيراعظم سان مشاورت مڪمل ڪرڻ بعد واپس سپريم ڪورٽ پهچي ويو آهي. ان موقعي تي هن چيو تہ جڏهن پارليامينٽ فنڊ ڏيڻ کان منع ڪئي آهي تہ حڪومت ڪيئن ڏئي سگهي ٿي؟ اٽارني جنرل جو چوڻ آهي تہ اڄ ان چيمبر ۾ ٻڌڻي دوران 6 حڪومتي موقف پيش ڪيو ويندو.

بقايا ❋❋❋ 06

کين سڪيورٽي ۽ رقم بہ فراهم ڪئي ويندي. پي ٽي آءِ اڳواڻ اعظم سواتي وڌيڪ چيو تہ کين چونڊون ڪرائڻيون پونديون. هن اهو بہ چيو آهي تہ پنجاب ۾ چونڊون 14 مئي تي ٿينديون، جيڪڏهن چونڊون نہ ٿيون تہ آرٽيڪل 6 لاڳو ڪيو ويندو.

بقايا ❋❋❋ 07

خادم حسين سومرو، ارباب علي هڪڙو، جواد اڪبر ۽ ثنا اڪرم منهاس شامل آهن. ايڊيشنل جج هڪ سال لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ مقرر ڪيا ويا آهن. حلف برداري واري تقريب ۾ هاءِ ڪورٽ جي سمورن ججن ۽ بار جي عهديدارن ۽ سينئر وڪيلن شرڪت ڪئي.

بقايا ❋❋❋ 08

۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي عمران خان چيو تہ سپريم ڪورٽ ۾ سڀ گڏجي اتحاد جي دعا ڪن. جيستائين توهان آئين کي نہ بچائيندا تيستائين ملڪ نہ بچائي سگهندا. عمران خان چيو تہ هي سڀ اليڪشن کان ڀڄي رهيا آهن. کين آئين ۽ قانون جي ڪا بہ پرواھ ناهي، هو ڪنهن نہ ڪنهن طرح پنهنجو اين آر او بچائڻ چاهين ٿا. پي ٽي آءِ چيئرمين چيو تہ هنن 3 هزار ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو آهي، هر روز نئين ايف آءِ آر اچي رهي آهي.

بقايا ❋❋❋ 09

چين طرفان 30 ڪروڙ ڊالر ملي ويندا. تفصيل موجب گڏيل عرب امارتن جي عملدران عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) کي پاڪستان لاءِ هڪ ارب ڊالر ڏيڻ جي تصديق ڪري ڇڏي آهي. ان حوالي سان ناڻي واري وزير اسحاق ڊار جو چوڻ آهي تہ اسٽيٽ بينڪ يو اي اي عملدارن کان رقم وصولي لاءِ ضروري دستاويزن تي ڪم ۾ مصروف آهي. ٻئي طرف ناڻي وزارت جي ذريعن جو چوڻ آهي تہ هاڻي اسٽاف ليول معاهدو ٿيڻ ۾ رڳو سعودي عرب جي تصديق ٿيڻ باقي آهي. ذريعن موجب سعودي عرب کان 2 ارب ڊالر ايندڙ هفتي تائين ملڻ جي اميد آهي، سعودي عرب جي تصديق بعد پڙهيهي قرض وارا شرط پورا ٿي ويندا. هوڏانهن ناڻي واري وزير اسحاق ڊار چيو آهي تہ اڄ چين طرفان بہ پاڪستان کي 30 ڪروڙ ڊالر ملي ويندا اڄ ملندڙ رقم چين طرفان منظور ڪيل هڪ ارب 30 ڪروڙ ڊالر قرض جو حصو آهي. ناڻي وزير جو چوڻ آهي تہ چين قرض جي مد ۾ هڪ ارب ڊالر پاڪستان کي پهرين ٿي ڏئي چڪو آهي اها رقم چين جي آئي سي بي سي بينڪ طرفان هڪ ارب 30 ڪروڙ ڊالر قرض جي ٽئين قسط آهي. اسحاق ڊار ٻڌايو تہ اها رقم ملڻ بعد پاڪستان جا ناڻي جي متاستا وارا ذخيرا وڌيڪ مستحڪم ٿي ويندا.

بقايا ❋❋❋ 10

ريفرنس ۾ چيو ويو آهي تہ پارليامينٽ جي منظور ڪيل بل کي ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪري اختيار اورانگهيا ويا آهن. پارليامينٽ جي بل جي ٻڌڻي لاءِ 8 رڪني غيرآئيني بينچ جوڙي وئي آهي. ريفرنس ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي تہ سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر بل خلاف عبوري حڪم آئين جي خلاف ورزي آهي. ججز خلاف ريفرنس جي ڪاپي جسٽس قاضي فائز عيسيٰ، جسٽس طارق مسعود، جسٽس منصور علي شاھ کي پڻ اماڻي وئي آهي جڏهن تہ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۽ لاهور هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽسز کي بہ اماڻي وئي.

بقايا ❋❋❋ 11

عوام کي خبر پوي، عدليہ هر ڳالھ جو نوٽيس وٺندي آهي سواءِ ان جي تہ عدالتن ۾ ڇا ٿي رهيو آهي. ڪراچي ۾ احتساب عدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي شاهد خاقان عباسي چيو تہ عدالتون قانون جي تشريح ڪري سگهن ٿيون پر قانون ٺاهڻ عوام جي نمائندن جو ڪم آهي، ملڪ کي هر اداري کي پنهنجي آئيني حدن ۾ رهي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. شاهد خاقان عباسي چيو تہ جڏهن عدالتون پنهنجا منصوبا شروع ڪنديون آهن تہ پوءِ انصاف جون گهرجون پوريون نہ ٿينديون آهن. تاريخ يا عوام فيصلو ڪندو تہ چيف جسٽس پنهنجي ذميواري پوري ڪري رهيو آهي يا نہ. ن ليگ اڳواڻ چيو تہ دنيا جي ڪنهن بہ نظام ۾ ائين ناهي تہ اپيل جو حق نہ ڏنو ويو هجي، چيف جسٽس کان اميد آهي تہ هو آئين ۽ قانون موجب پنهنجي ذميواري پوري ڪري، سيني جون نظرون هن وقت سپريم ڪورٽ تي آهن. اڄ ملڪ جي ساک متاثر ٿي رهي آهي. هن چيو تہ ملڪ ۾ جيڪو مسئلو پيدا ٿيو آهي ان جو حل ڳولهيو وڃي، جيڪڏهن انتشار ٿيو تہ ملڪي معيشت تي اثر پوندو شاهد خاقان عباسي چيو تہ عدالتن ۾ جيڪو ڪجھ ٿي رهيو آهي سوموٽو نوٽيس نہ ورتو وڃي. عدالتن جو احترام ڪريون ٿا. ن ليگ اڳواڻ چيو تہ اڄ ملڪ چند شين ۾ خود ڪفل آهي، ان ۾ سياسي پارٽيون بہ آهن.

بقايا ❋❋❋ 12

موجب بلوچ ڪالوني ايڊمن سوسائٽي ويجهو هٿياربندن جي فائرنگ ۾ 20 ورهين جو سيڪيورٽي گارڊ مارجي ويو مقتول جي سڃاڻپ اعجز خان طور ٿي آهي. پوليس جو چوڻ آهي تہ گارڊ پنهنجي هٿياربندن جي فائرنگ سان حادثو پيش آيو واقعو خودڪشي جو معلوم ناهي ٿي سگهي جاچ جاري آهي. مارجي ويل گارڊ جو تعلق جيڪب آباد سان هو. ٻئي طرف نيو ڪراچي ۽ ڪورنگي زمان ٽائون ۾ مبينا پوليس مقابلي دوران ٽن جوابدارن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري هٿيار هٿ ڪيا ويا. جڏهن تہ پوليس سائيٽ سپر هاءِ وي تي ڪاروائي ڪندي جعلي سي ٽي ڊي اهلڪارن کي گرفتار ڪري ورتو جوابدارن جي سڃاڻپ ٿي وئي. جوابدار ملڪ زوهيب ۽ احسان الله جي نالي سان، سي ٽي ڊي اهلڪارن کي ظاهر ڪري جعلي سرڪاري نمبر پليٽ سان ڪار استعمال ڪندا هئا.

بقايا ❋❋❋ 13

علي باقر نجفي پي ٽي آءِ جي چيئرمين عمران خان جي 19 مارچ واري تقرير خلاف حفاظتي ضمانت واري درخواست تي ٻڌڻي شروع ڪندي چيو تہ 10 منٽن ۾ نہ پر 5 منٽن ۾ اچي وڃو ڪجھ دير ڪانپوءِ عمران خان عدالتي ڪمري ۾ پهتو تہ عدالت ۾ جمعي جي نماز ادا ڪئي وئي ۽ جسٽس علي باقر نجفي ۽ عدالتي عملو جمعي جي نماز لاءِ روانو ٿي ويو وقفي ڪانپوءِ ٻڌڻي شروع ٿي تہ عدالت عمران خان جي وڪيل کي ايف آءِ آر پڙهڻ جي هدايت ڪئي. جسٽس علي باقرنجفي پڇائو ڪيو تہ ڇا توهان لاڳاپيل عدالت ۾ پيش ٿي ضمانت وٺڻ چاهيو ٿا؟ وڪيل عمران خان جواب ڏنو تہ اسان لاڳاپيل عدالت سان رجوع ڪرڻ چاهيون ٿا، 18 اپريل تي اسلام آباد وڃي رهيا آهيون، لاڳاپيل عدالت ۾ پيش ٿيڻ چاهيون ٿا. جسٽس علي باقر نجفي عمران خان جي 26 اپريل تائين حفاظتي ضمانت منظور ڪري ورتي. عدالت ايندڙ تاريخ تائين لاڳاپيل عدالت سان رجوع ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

بقايا ❋❋❋ 14

قمر کي ڪنوينر چونڊيو ويو اجلاس ۾ سينيٽر ڪامران مرتضيٰ، تاج حيدر، نويد قمر، صابر قائم خاني، محسن رانجها شرڪت ڪئي. اپوزيشن ميمبر پي ٽي آءِ سينيٽر علي ظفر ڪميٽي جي اجلاس ۾ شرڪت نہ ڪئي. رابطا ڪميٽي ميمبرن جو چوڻ آهي تہ علي ظفر شايد اجلاس ۾ نہ اچڻ چاهي. جنهن بعد رابطا ڪميٽي نويد قمر کي ڪنوينر چونڊيو ويو ڪميٽي کي ٻڌايو ويو تہ چيف اليڪشن ڪمشنر اليڪشن ايڪٽ ۾ ترميم لاءِ چيئرمين سينيٽ ۽ اسپيڪر قومي اسيمبلي کي خط لکي ڇڏيو آهي. بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو تہ آئين 57_1 ۾ ترميم تجويز ڪئي وئي آهي تہ اليڪشن ڪميشن عام چونڊن جي تاريخ يا تاريخ جو اعلان نوٽيفڪيشن ذريعي ڪندي، اليڪشن ڪميشن تڪبندين کي نمائندن جي چونڊ لاءِ چونڊي ڪميٽي کي ٻڌايو ويو تہ سيڪشن 58 ۾ ترميم جي تجويز آهي تہ اليڪشن ڪميشن چونڊن جي نوٽيفڪيشن ڪانپوءِ چونڊ پروگرام ۾ تبديلي ڪري سگهي ٿي. قانون واري وزارت جي آفيسر چيو تہ چيف اليڪشن ڪمشنر پاران اليڪشن ايڪٽ جي سيڪشن 57 ۽ 58 ۾ تجويز ڪيل ترميمون غور هيٺ آهن. اليڪشن ڪميشن جي تجويز ڪيل ترميمن کي صحيح قرار ڏيندي آئين پڙهيو آئين پڙهڻ ڪانپوءِ ترميمن کي حتمي شڪل ڏني. سينيٽر تاج حيدر چيو تہ صدر کي نظر انداز ڪرڻ بلڪل مناسب ناهي. نويد قمر چيو تہ ترميمن کي غور سان پڙهڻ گهرجي تہ جيئن آئين سان ٽڪراءَ ۾ ڪا بہ ڳالھ نہ هجي، سمورا ميمبر تجويز ڪيل ترميمن جو غور سان جائزو وٺن. رابطا ڪميٽي جي ڪنوينر نويد قمر بہ چيو تہ ڪميٽي جو اجلاس هاڻي 19 اپريل تي ٿيندو.

بقايا ❋❋❋ 15

جي خوف ۾ آهي. ٽوئيٽر تي پنهنجي بيان ۾ شيرين مزاري چيو تہ پرڏيهي وزير افغانستان ۾ اهو سمرقند اجلاس ملتوي ڪري ڇڏيو هن زور ڏنو تہ اسان کي اهو سمجهڻ گهرجي تہ آمريڪا ڀارت سان اتحاد کي ترجيح ڏئي ٿو هن وڌيڪ چيو تہ يمن ۾ جنگ جي خاتمي لاءِ سعودي عرب جي قدمن ۾ مثبت اڳڀرائي آهي شيرين مزاري چيو تہ اسان کي انهن بدلجندڙ حالتن تي آمريڪي نقط نظر کان نہ پر پنهنجي نظر رکڻ جي ضرورت آهي.

بقايا ❋❋❋ 16

آهي اڄ ڪاروبار جي شروعات تي، انٽربينڪ تي ڊالر جي قيمت وڌيڪ گهٽجي وئي آهي. انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 41 پئسا سستو ٿيڻ بعد ڊالر 284 رپيا 50 پئسا ٿي ويو ڪالهہ انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 284 رپيا 91 پئسا تي بند ٿيو

بقايا ❋❋❋ 17

تي 13 بسون هلايون پيون وڃن. جڏهن تہ سنڌ جي ٽرانسپورٽ واري سيڪريٽري جو چوڻ آهي تہ وفاق وڌيڪ 300 بسون طلب ڪيون آهن. جون تائين بسن جو انگ 350 ٿي ويندو. افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي عبدالحليم شيخ وڌيڪ چيو تہ ڪراچي کي ڪل 10 هزار بسن جي ضرورت آهي، وڏي وزير رستن کي بهتر بڻائڻ لاءِ خصوصي گرانٽ جي منظوري ڏني آهي. هن چيو تہ بحريا ٽائون کان ملير هالٽ تائين جو ڀاڙو 100 رپيا مقرر ڪيو ويو آهي.

بقايا ❋❋❋ 18

هو سندس کيسي مان ڪمپنيءَ جو ڪارڊ مليو جنهن مان سندس سڃاڻپ ٿي آهي. ان ڏس ۾ ڪيٽي ممتاز ٿاڻي جي ايس ايڇ او منتار عمراڻي ٻڌايو تہ پوسٽ مارٽم دوران ڄاڻ ملي آهي تہ نوجوان کي تشدد بعد گوليون هڻي قتل ڪيو ويو آهي. مقتول نوجوان جي سڃاڻپ بعد مقتول جا وارث پهتا جيڪي لاش کڻائڻ لاءِ ايڌي سينٽر لاڙڪاڻو روانا ٿي ويا آهن. واقعي بابت وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيو ٻئي طرف مقتول جي والد قربان پڙڙو جو چوڻ هو تہ منهنجو پٽ عامر ميمڻ جي واڙي تي مزدوري ڪندو هو جيڪو ڪاروڃي گهران نڪري ويو جنهن جو اڄ لاش مليو آهي. پوليس ڪيس جي شفاف جاچ ڪري منهنجي پٽ جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري عبرتناڪ سزا ڏياري وڃي.

بقايا ❋❋❋ 19

وڳي ڪرين ذريعي ٽلاءِ مان ڪڍيو ويو جيڪا مسلسل بيهوشي واري حالت ۾ آهي. متاثر هاٿي هٿن پيرن جي حرڪت بہ گهٽائي ڇڏي آهي، جيڪا ڳڻتي جوڳي ڳالھ آهي. رابطو ڪرڻ تي ڊائريڪٽر زو موقف ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ياد رهي تہ هڪ هفتو اڳ پرڏيهي ماهرن جي ٽيم نور جهان جو ايڪسري ۽ ٽيسٽون ڪري آپريشن ڪيو هو ۽ هاٿي کي هتان شفٽ ڪرڻ جو مشورو ڏنو هو پر هاٿي جي حالت بهتر نہ هئڻ ڪري منتقل نہ ٿي سگهي هئي واضح رهي تہ نور جهان گذريل ٽن مهينن کان بيماري جي ڪري رهي آهي سنڌن جي سور سبب هاٿي گهمڻ ڦرڻ ڇڏي ڏنو هو. ڪراچي زو انتظاميہ جي نااهلي ۽ جانورن کي صحيح خوراڪ نہ ملڻ ڪري ڪراچي چڙيا گهر جا ڪيترائي جانور زندگيون وڃائي ويٺا آهن.

بقايا ❋❋❋ 20

چوڻ آهي تہ شيري رحمان جڏهن نومبر ۾ ڪوپ 27 اجلاس ۾ شرڪت لاءِ مصر پهتي تہ ٻوڏ جو پاڻي مڪمل طور هيٺ نہ ويو هو شيري رحمان مصر ۾ ٿيل ڪوپ 27 اجلاس ۾ ٻوڏ متاثرين جو آواز بڻجي وئي، جيڪي قدرتي آفت سبب سڀ ڪجھ وڃائي ويٺا. متاثر ٿيل تقريبن ۽ انتهائي مصروفيت ۽ ڳالهين ذريعي، هن نمائندن کي يقين ڏياريو تہ هي ناانصافي ختم ٿيڻ گهرجي، ڪوپ 27 ان تاريخي فيصلي ۾ پڄائي جي پهتو تہ عالمي برادري ڀرپور پيرو قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ وارن ملڪن لاءِ ڊيمج اينڊ وڙاسٽر فنڊ قائم ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ماحولياتي انصاف جي طرف هي هڪ وڏو قدم آهي پر اجا گهڻو ڪم ڪرڻو آهي. اسان کي شيري رحمان جهڙين شخصيتن جي وڌيڪ ضرورت آهي.

بقايا ❋❋❋ 21

ڪاٺ جي پل تان لنگهي رهيا هئا تہ پير ٿڙڻ سبب پاڻي ۾ ڪري پيامائٽن پاران ڳولا ڪرڻ بعد ٻنهي معصوم ٻارن جا لاش پاڻي مان ڪڍيا ويا جن کي ڏڙو اسپتال پهچايو ويو جتي ڊاڪٽرن سندن فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي ٻنهي معصوم ٻارن جا لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ماءُ کي بيهوشي جا دورا پئجي ويا جڏهن تہ عيد جون خوشيون ماتم ۾ تبديل ٿي ويون آهن ڏکوئيندڙ واقعي تي هر اک آلي ٿي وئي

بقايا ❋❋❋ 22

فوت ٿي ويا. اهڙي واقعي بعد گهر ڦهرام مچي ويو هوڏانهن وارثن ۽ علائقي واسين سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي تہ نااهل ڊي ايڇ او کي هٽايو وڃي ۽ ارڙي جي موذي مرض سميت مختلف بيمارين ۽ ورتل ٻارڙن جي طبي امداد لاءِ ميڊيڪل ڪيمپ قائم ڪري کين وڌيڪ ٻارڙن کي ارڙي جهڙي موذي مرض کان بچايو وڃي.

بقايا ❋❋❋ 23

حالت ۾ ڪٽائي سول اسپتال پهچايو جتي ڊاڪٽرن پاران ايمرجنسي ۾ فرسٽ ايڊ ڏني، ان حوالي سان ميربحر جڪراڻي جو چوڻ هو تہ چاچي ڪاوڙ ۾ اچي ڪري پاڻ کي مٿان ٽي پستل جا فائر ڪري خودڪشي جي ڪوشش ڪئي آهي. ٻئي پاسي پوليس جو چوڻ آهي تہ واقعي بابت ڪابہ ڄاڻ ناهي وارثن اسان کي اطلاع ناهي ڪيو.

بقايا ❋❋❋ 24

ٽي وي فتيح منظر عام تي اچي ويا آهنرات دير سان هٿياربندن فائرنگ ڪري اڳوڻي ايس پي جي پٽ ارسلان عرف نويد جمالي کي قتل ڪيو هو پوليس پوسٽ مارٽم بعد ارسلان جمالي جو لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيو آهيشروعاتي پوسٽ مارٽم رپورٽ ۾ انڪشاف ٿيو آهي تہ نوجوان ارسلان کي فائرنگ دوران هٿياربندن جون 12 گوليون لڳيون آهنپوليس ذريعن موجب فائرنگ دوران ارسلان کي 4 گوليون ڇاتي، 2 پٺي کان، هڪ دماغ، 2 ٻانهن ۾، هڪ گولي هٿ تي ۽ 2 گوليون کيس ڄنگهن ۾ لڳيون آهنپوسٽ مارٽم دوران جسم جي مختلف حصن مان 9 ايم ايم پستل جون 2 گوليون مليون. جيڪي پوليس حوالي ڪيون ويونرٽائرڊ ايس پي احمد جمالي جو پٽ ارسلان جمالي پنهنجي دوستن سان گڏ ويٺل هو تہ 6 هٿياربندن مٿن حملو ڪيو، موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن انڌاڌنڌ فائرنگ ڪئي، جنهن دوران ارسلان جان بچائڻ لاءِ اتي بيٺل ڪار جي پٺ ۾ لڪڻ جي ڪوشش ڪئي ايس ايڇ او نسيم نگر موجب مارجي ويل نوجوان رٽائرڊ ايس پي احمد خان جمالي جو پٽ آهي. مقتول جو والد ڪراچي ۾ رهائش پذير آهي کيس اطلاع ڏنو ويو آهينسيم نگر پوليس موجب نوجوان ساهرن ۽ مامن سان گڏ جاٽايل علائقي پرسان رهندو هو واقعي جي مختلف رخن سان جاچ ڪئي پئي وڃي

بقايا ❋❋❋ 25

۾ بيٺل وڻ ۾ ڦاهو کائي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو. اهڙي اطلاع ملڻ تي ٿندو غلام حيدر پوليس واقعي واري هنڌ پهتي، پوليس موجب وارثن طرفان پوسٽ مارٽم ناهي ڪرايو ويو ضروري قانوني ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو

بقايا ❋❋❋ 26

قيوم ٽالپر، يونٽ آرگنائيزر نور ڪلوئي، عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ اياز ڪوسو عوامي تحريڪ جهڏي جي صدر اياز ڪلوئي، گيان ريٻاري، ظفر ڪوسي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن مطالبو ڪيو تہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 25 A موجب رياست طرفان 16 سالن تائين جي تعليم شاگردن کي مفت ۾ ڏيڻ لازمي قرار ڏنو ويو آهي پر تنهن هوندي بہ هر سال نوڙي نيم سرڪاري اسڪولن مان شاگردن کان ڳريون فيسون وصول ڪيون وڃن ٿيون، جيڪا آئين جي خلاف ورزي آهي، سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن سنڌ حڪومت جي تعاون سان هلندڙ ادارو آهي ۽ سيف جي اسڪول جو سڀو خرچ سنڌ حڪومت کان ملندڙ هر ٽين مهيني جي فنڊ مان هلي ٿو پر تنهن هوندي بہ سيف جا اسڪول شاگردن کان فيسون پيا وٺن جيڪي پورهيت طبقي سان تعلق رکندڙ شاگرد ادا نہ ٿا ڪري سگهن. سنڌي شاگرد تحريڪ سمورن ٻوردن نوڙي سيف اسڪولن جي اهڙي عمل کي آئين جي خلاف سمجهي رد ڪري ٿي ۽ اهو مطالبو ٿي ڪري تہ فيسون ختم ڪيون وڃن.

بقايا ❋❋❋ 27

ليگ جي مالڪن سان ڳالھ ٻولھ ڪئي آهي. ان ليگ جو منصوبو دنيا جي ڪرڪيٽ کي تبديل ڪري ڇڏيندو آسٽريلوي ميڊيا موجب سعودي عملدارن جي ٽوئنٽي جي مهانگي ترين ڪرڪيٽ کي پنهنجو ايندڙ منصوبو قرار ڏنو آهي. ان حوالي سان ڪم تيزي سان جاري آهي ۽ جلد ئي ڪرڪيٽرن لاءِ خوشخبري جاري ڏني ويندي. جيتوڻيڪ نيوٽرل وينيو جي حوالي سان گڏيل عرب امارتن کي اهميت ڏني ويندي آهي پر سعودي عملدارن کي اميد آهي تہ هاڻي ڪرڪيٽ جو ايندڙ ميدان سعودي عرب هوندو.

بقايا ❋❋❋ 28

ڪيو ويو هڪ بيان ۾ هن چيو تہ پوليس اڌ ڪلاڪ ڪنجھ هائوس ٻاهران بيهي رهي، چوڌري پرويز الاهي چيو تہ اسان جي گهرن تي بنا وارنٽ جي ڇاپا هنيا پيا وڃن. اسان انهن فاشسٽ حڪمت عملين کان ٻڄڻ وارا نہ آهيون.

بقايا ❋❋❋ 29

تي هو ڪنهن بہ جيڪ يا ايڪزيڪيوٽو آرڊر تي دستخط ڪري سگهي ٿو ميڊيا سان ڳالهائيندي پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ فواد چوڌري چيو تہ هو ريفرنس جو مسودو تيار ڪري رهيا آهن. جيڪو اليڪشن ڪميشن ڏانهن اماڻيو ويندو هنن جو چوڻ آهي تہ هو اليڪشن ڪميشن کان مطالبو ڪندا تہ سپريم ڪورٽ کان نگران حڪومت جي مدي ۾ واڌ يا نئون وڏو وزير ۽ ڪابينا جوڙي وڃي. فواد چوڌري چيو تہ عمران خان جي مقبوليت جي اونچائي سنڌس پارليامينٽ تان استعيفيٰ ۽ اسيمبليون ٽوڙڻ آهي، اليڪشن 90 ڏينهن کان وڌيڪ نہ ٿي هلي سگهي، هن وڌيڪ چيو آهي تہ بينظير ڀٽو جي شهادت تي اتفاق راءِ سان اليڪشن ملتوي ڪئي وئي، معاملو عدالت ۾ نہ ويو پي ٽي آءِ اڳواڻ اهو بہ چيو تہ عمران خان کي جي گرفتار ڪيو پيو وڃي، مٿس ڪو بہ ڪيس ناهي.

بقايا ❋❋❋ 30

ٽي وي فتيح منظر عام تي اچي ويا آهنرات دير سان هٿياربندن فائرنگ ڪري اڳوڻي ايس پي جي پٽ ارسلان عرف نويد جمالي کي قتل ڪيو هو پوليس پوسٽ مارٽم بعد ارسلان جمالي جو لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيو آهيشروعاتي پوسٽ مارٽم رپورٽ ۾ انڪشاف ٿيو آهي تہ نوجوان ارسلان کي فائرنگ دوران هٿياربندن جون 12 گوليون لڳيون آهنپوليس ذريعن موجب فائرنگ دوران ارسلان کي 4 گوليون ڇاتي، 2 پٺي کان، هڪ دماغ، 2 ٻانهن ۾، هڪ گولي هٿ تي ۽ 2 گوليون کيس ڄنگهن ۾ لڳيون آهنپوسٽ مارٽم دوران جسم جي مختلف حصن مان 9 ايم ايم پستل جون 2 گوليون مليون. جيڪي پوليس حوالي ڪيون ويونرٽائرڊ ايس پي احمد جمالي جو پٽ ارسلان جمالي پنهنجي دوستن سان گڏ ويٺل هو تہ 6 هٿياربندن مٿن حملو ڪيو، موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن انڌاڌنڌ فائرنگ ڪئي، جنهن دوران ارسلان جان بچائڻ لاءِ اتي بيٺل ڪار جي پٺ ۾ لڪڻ جي ڪوشش ڪئي ايس ايڇ او نسيم نگر موجب مارجي ويل نوجوان رٽائرڊ ايس پي احمد خان جمالي جو پٽ آهي. مقتول جو والد ڪراچي ۾ رهائش پذير آهي کيس اطلاع ڏنو ويو آهينسيم نگر پوليس موجب نوجوان ساهرن ۽ مامن سان گڏ جاٽايل علائقي پرسان رهندو هو واقعي جي مختلف رخن سان جاچ ڪئي پئي وڃي

بقايا ❋❋❋ 31

چين طرفان 30 ڪروڙ ڊالر ملي ويندا. تفصيل موجب گڏيل عرب امارتن جي عملدران عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) کي پاڪستان لاءِ هڪ ارب ڊالر ڏيڻ جي تصديق ڪري ڇڏي آهي. ان حوالي سان ناڻي واري وزير اسحاق ڊار جو چوڻ آهي تہ اسٽيٽ بينڪ يو اي اي عملدارن کان رقم وصولي لاءِ ضروري دستاويزن تي ڪم ۾ مصروف آهي. ٻئي طرف ناڻي وزارت جي ذريعن جو چوڻ آهي تہ هاڻي اسٽاف ليول معاهدو ٿيڻ ۾ رڳو سعودي عرب جي تصديق ٿيڻ باقي آهي. ذريعن موجب سعودي عرب کان 2 ارب ڊالر ايندڙ هفتي تائين ملڻ جي اميد آهي، سعودي عرب جي تصديق بعد پڙهيهي قرض وارا شرط پورا ٿي ويندا. هوڏانهن ناڻي واري وزير اسحاق ڊار چيو آهي تہ اڄ چين طرفان بہ پاڪستان کي 30 ڪروڙ ڊالر ملي ويندا اڄ ملندڙ رقم چين طرفان منظور ڪيل هڪ ارب 30 ڪروڙ ڊالر قرض جو حصو آهي. ناڻي وزير جو چوڻ آهي تہ چين قرض جي مد ۾ هڪ ارب ڊالر پاڪستان کي پهرين ٿي ڏئي چڪو آهي اها رقم چين جي آئي سي بي سي بينڪ طرفان هڪ ارب 30 ڪروڙ ڊالر قرض جي ٽئين قسط آهي. اسحاق ڊار ٻڌايو تہ اها رقم ملڻ بعد پاڪستان جا ناڻي جي متاستا وارا ذخيرا وڌيڪ مستحڪم ٿي ويندا.

بقايا ❋❋❋ 32

عوام کي خبر پوي، عدليہ هر ڳالھ جو نوٽيس وٺندي آهي سواءِ ان جي تہ عدالتن ۾ ڇا ٿي رهيو آهي. ڪراچي ۾ احتساب عدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي شاهد خاقان عباسي چيو تہ عدالتون قانون جي تشريح ڪري سگهن ٿيون پر قانون ٺاهڻ عوام جي نمائندن جو ڪم آهي، ملڪ کي هر اداري کي پنهنجي آئيني حدن ۾ رهي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. شاهد خاقان عباسي چيو تہ جڏهن عدالتون پنهنجا منصوبا شروع ڪنديون آهن تہ پوءِ انصاف جون گهرجون پوريون نہ ٿينديون آهن. تاريخ يا عوام فيصلو ڪندو تہ چيف جسٽس پنهنجي ذميواري پوري ڪري رهيو آهي يا نہ. ن ليگ اڳواڻ چيو تہ دنيا جي ڪنهن بہ نظام ۾ ائين ناهي تہ اپيل جو حق نہ ڏنو ويو هجي، چيف جسٽس کان اميد آهي تہ هو آئين ۽ قانون موجب پنهنجي ذميواري پوري ڪري، سيني جون نظرون هن وقت سپريم ڪورٽ تي آهن. اڄ ملڪ جي ساک متاثر ٿي رهي آهي. هن چيو تہ ملڪ ۾ جيڪو مسئلو پيدا ٿيو آهي ان جو حل ڳولهيو وڃي، جيڪڏهن انتشار ٿيو تہ ملڪي معيشت تي اثر پوندو شاهد خاقان عباسي چيو تہ عدالتن ۾ جيڪو ڪجھ ٿي رهيو آهي سوموٽو نوٽيس نہ ورتو وڃي. عدالتن جو احترام ڪريون ٿا. ن ليگ اڳواڻ چيو تہ اڄ ملڪ چند شين ۾ خود ڪفل آهي، ان ۾ سياسي پارٽيون بہ آهن.

بقايا ❋❋❋ 33

قمر کي ڪنوينر چونڊيو ويو اجلاس ۾ سينيٽر ڪامران مرتضيٰ، تاج حيدر، نويد قمر، صابر قائم خاني، محسن رانجها شرڪت ڪئي. اپوزيشن ميمبر پي ٽي آءِ سينيٽر علي ظفر ڪميٽي جي اجلاس ۾ شرڪت نہ ڪئي. رابطا ڪميٽي ميمبرن جو چوڻ آهي تہ علي ظفر شايد اجلاس ۾ نہ اچڻ چاهي. جنهن بعد رابطا ڪميٽي نويد قمر کي ڪنوينر چونڊيو ويو ڪميٽي کي ٻڌايو ويو تہ چيف اليڪشن ڪمشنر اليڪشن ايڪٽ ۾ ترميم لاءِ چيئرمين سينيٽ ۽ اسپيڪر قومي اسيمبلي کي خط لکي ڇڏيو آهي. بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو تہ آئين 57_1 ۾ ترميم تجويز ڪئي وئي آهي تہ اليڪشن ڪميشن عام چونڊن جي تاريخ يا تاريخ جو اعلان نوٽيفڪيشن ذريعي ڪندي، اليڪشن ڪميشن تڪبندين کي نمائندن جي چونڊ لاءِ چونڊي. ڪميٽي کي ٻڌايو ويو تہ سيڪشن 58 ۾ ترميم جي تجويز آهي تہ اليڪشن ڪميشن چونڊن جي نوٽيفڪيشن ڪانپوءِ چونڊ پروگرام ۾ تبديلي ڪري سگهي ٿي. قانون واري وزارت جي آفيسر چيو تہ چيف اليڪشن ڪمشنر پاران اليڪشن ايڪٽ جي سيڪشن 57 ۽ 58 ۾ تجويز ڪيل ترميمون غور هيٺ آهن. اليڪشن ڪميشن جي تجويز ڪيل ترميمن کي صحيح قرار ڏيندي آئين پڙهيو آئين پڙهڻ ڪانپوءِ ترميمن کي حتمي شڪل ڏني. سينيٽر تاج حيدر چيو تہ صدر کي نظر انداز ڪرڻ بلڪل مناسب ناهي. نويد قمر چيو تہ ترميمن کي غور سان پڙهڻ گهرجي تہ جيئن آئين سان ٽڪراءَ ۾ ڪا بہ ڳالھ نہ هجي، سمورا ميمبر تجويز ڪيل ترميمن جو غور سان جائزو وٺن. رابطا ڪميٽي جي ڪنوينر نويد قمر بہ چيو تہ ڪميٽي جو اجلاس هاڻي 19 اپريل تي ٿيندو.

بقايا ❋❋❋ 34

وڳي ڪرين ذريعي ٽلاءِ مان ڪڍيو ويو جيڪا مسلسل بيهوشي واري حالت ۾ آهي. متاثر هاٿي هٿن پيرن جي حرڪت بہ گهٽائي ڇڏي آهي، جيڪا ڳڻتي جوڳي ڳالھ آهي. رابطو ڪرڻ تي ڊائريڪٽر زو موقف ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ياد رهي تہ هڪ هفتو اڳ پرڏيهي ماهرن جي ٽيم نور جهان جو ايڪسري ۽ ٽيسٽون ڪري آپريشن ڪيو هو ۽ هاٿي کي هتان شفٽ ڪرڻ جو مشورو ڏنو هو پر هاٿي جي حالت بهتر نہ هئڻ ڪري منتقل نہ ٿي سگهي هئي واضح رهي تہ نور جهان گذريل ٽن مهينن کان بيماري جي ڪري رهي آهي سنڌن جي سور سبب هاٿي گهمڻ ڦرڻ ڇڏي ڏنو هو. ڪراچي زو انتظاميہ جي نااهلي ۽ جانورن کي صحيح خوراڪ نہ ملڻ ڪري ڪراچي چڙيا گهر جا ڪيترائي جانور زندگيون وڃائي ويٺا آهن.

بقايا ❋❋❋ 35

قمر کي ڪنوينر چونڊيو ويو اجلاس ۾ سينيٽر ڪامران مرتضيٰ، تاج حيدر، نويد قمر، صابر قائم خاني، محسن رانجها شرڪت ڪئي. اپوزيشن ميمبر پي ٽي آءِ سينيٽر علي ظفر ڪميٽي جي اجلاس ۾ شرڪت نہ ڪئي. رابطا ڪميٽي ميمبرن جو چوڻ آهي تہ علي ظفر شايد اجلاس ۾ نہ اچڻ چاهي. جنهن بعد رابطا ڪميٽي نويد قمر کي ڪنوينر چونڊيو ويو ڪميٽي کي ٻڌايو ويو تہ چيف اليڪشن ڪمشنر اليڪشن ايڪٽ ۾ ترميم لاءِ چيئرمين سينيٽ ۽ اسپيڪر قومي اسيمبلي کي خط لکي ڇڏيو آهي. بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو تہ آئين 57_1 ۾ ترميم تجويز ڪئي وئي آهي تہ اليڪشن ڪميشن عام چونڊن جي تاريخ يا تاريخ جو اعلان نوٽيفڪيشن ذريعي ڪندي، اليڪشن ڪميشن تڪبندين کي نمائندن جي چونڊ لاءِ چونڊي. ڪميٽي کي ٻڌايو ويو تہ سيڪشن 58 ۾ ترميم جي تجويز آهي تہ اليڪشن ڪميشن چونڊن جي نوٽيفڪيشن ڪانپوءِ چونڊ پروگرام ۾ تبديلي ڪري سگهي ٿي. قانون واري وزارت جي آفيسر چيو تہ چيف اليڪشن ڪمشنر پاران اليڪشن ايڪٽ جي سيڪشن 57 ۽ 58 ۾ تجويز ڪيل ترميمون غور هيٺ آهن. اليڪشن ڪميشن جي تجويز ڪيل ترميمن کي صحيح قرار ڏيندي آئين پڙهيو آئين پڙهڻ ڪانپوءِ ترميمن کي حتمي شڪل ڏني. سينيٽر تاج حيدر چيو تہ صدر کي نظر انداز ڪرڻ بلڪل مناسب ناهي. نويد قمر چيو تہ ترميمن کي غور سان پڙهڻ گهرجي تہ جيئن آئين سان ٽڪراءَ ۾ ڪا بہ ڳالھ نہ هجي، سمورا ميمبر تجويز ڪيل ترميمن جو غور سان جائزو وٺن. رابطا ڪميٽي جي ڪنوينر نويد قمر بہ چيو تہ ڪميٽي جو اجلاس هاڻي 19 اپريل تي ٿيندو.

بقايا سنڌيار 01

جو گندو پاڻي بهجي ويو جنهن ڪان پوءِ شهر جي مختلف روڊن ٽاڻو روڊ اي سي آفيس روڊ ۽ ٻين شهر جي رستن تي گندو پاڻي بيٺل ٽائون ملازمن جو چوڻ آهي ته اسان کي ايڊ منسٽريٽر عبدالرحمان سومرو پگهار نٿو ڪري اسان ڪم جو ڪرون اسان جا ٻچا بکن تي آهن اوباوڙو عيد مٿان اچي وئي آهي اسان پنهنجي ٻچڙو کي ڪپڙا به نه وٺي ڏنا آهن پر ايڊمنسٽريٽر پنهنجي هود تي قائم آهي هڪ ڏينهن ڀهرين احتجاج ڪندڙ ملازمن کي نوڪري مان نڪيالي جي ڌمڪين ڪانپوءِ ملازم سخت پريشان اوباوڙو ميڊيا اڳيان ڳالهائڻ کان به لنوائڻ لڳا اسان غريب آهيون هن وقت ٽائون جي اڪائونٽ ۾ پوٽا 3 ڪروڙ آيل آهن باقي عيد ۾ 6 ڏينهن پيا آهن هن وقت ٽائين ايڊمنسٽريٽر اسان کي پگهار نه ڏئي سگهيو آهي اوباوڙو اسان سان ظلم آهي اسان جي پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيرمين بلاول ڀٽو زرداري کي اپيل آهي ته نوٽيس وٺي سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه کي حڪم ڪري اوباوڙو ايڊمنسٽريٽر کي بدلي ڪري نئون ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪري اسان مزدورن کي عيد کان اڳ پگهار ڪرائي وڃي ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي جو جيڪو منشور آهي روٽي ڪپڙا وارو ان تي عمل ڪرايو وڃي

بقايا سنڌيار 02

پوليس کي اطلاع مليو ته ٻه جوابدار ريلوي ڦاٽڪ پرسان الخدمت اسپتال وٽان شاگرد محمود علي ولد فريد احمد کان موٽر سائيڪل ڦر ڪري زرخيل لنڪ روڊ طرف فرار ٿي ويا ايس ايڇ و نيو فوجداري بروقت ڦورن جو پيڇو ڪيو زرخيل لنڪ روڊ تي پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ مقابلو ٿي پيو ڦورن پوليس تي فائرنگ ڪئي پوليس جي جوابي فائرنگ ۾ هڪ ڌوهاري زخمي ٿي پيو گرفتار جوابدار جي قبضي مان چوري ٿيل موٽرسائيڪل، ٽي ٽي پستول ۽ 5 گوليون هٿ ڪيون ويون. زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيل ڌوهاري جي سڃاڻپ باڻوٽ پٽ قادر بخش عرف رضا محمد رهواسي خضري جتوئي تعلقي خانپور طور ٿي آهي. فرار ٿيل جي گرفتاري لاءِ مختلف علائقن ۾ سرچ آپريشن ڪيو پيو وڃي. وڌيڪ ڌوهاري جو ڪرمنل رڪارڊ ضلعي شڪارپور ۽ شڪارپور جي سرحدي ٿاڻن کان معلوم ڪيو پيو وڃي.

بقايا سنڌيار 03

گرفتار ڪرڻ بجاءِ درخواست ڏيندڙن تي ڪيس داخل ڪري گرفتاريون شروع ڪري ڇڏيون نواب پڪوان جي مالڪ عاشق علي جي فرياد تي غلام مرتضي، محبوب سميت 3 نامعلوم ڄڻن تي ڪيس داخل ڪيو ويو هو ڪيس ۾ پٽي سميت جان کان مارڻ جي ڪوشش جا قلم شامل ڪيا ويا آهن واضح رهي ته جوابدارن پاران پٽنو نه ڏيڻ واري معاملي تي پڪوان سينٽر حملي دوران زخمي نوجوان جي ڳنڀير جوڳي حالت ۾ ڊائو اسپتال ۾ داخل آهي. جڏهن ته ٻئي نوجوان نوجوان به اسپتال داخل آهي.

بقايا سنڌيار 04

زڪريا نئون ديرو ۾ ملهايو ويو جنهن ۾ آيل ماڻهن کي روزو افطار ڪرايو ويو. انڪان اڳ سمع ذڪر ڪيو ويو. جنهن ۾ ذاڪري عبدالمجيد ناريجو غوثيه جماعت لاڙڪاڻي جو صدر حسام الدين پٽو ,وڪيل غلام رسول ناريجو فقير عبدالرسول ناريجو فقير شاهه محمود پٽو، غلام عباس پٽو، ضمير حسين پٽو، مدثر دانش پٽو ساجد جروار، اوگان جوڻيجو،اڪبر ڪڪراٽي، اختيار جروار، منظور جروار ,هادي بخش جروار ,غلام مرتضي جروار ميان منظور ناريجو، ڊر محمد پٽو,فقير محمد رجب پٽو,فوجي مختيار جروار, لياقت جروار , امام الدين جيهو,منصورالاهي پٽو ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڳالهائيندي غوثيا جماعت ضلعي لاڙڪاڻي جي صدر حسام الدين پٽو ,فقير شاهه محمود پٽو,ضمير پلو,مرتضي' جروار ۽ ٻين چيو ته اسان پنهنجي مرشد جو عرس مبارڪ هرسال عقيدت ۽ احترام سان ملهائيندا آهيون اسان جو پنهنجي مرشد سان روحاني رشتو آهي سائين سجاد حسين قريشي جو عرس مبارڪ 25 رمضان شريف تي ملتان شريف ۾ به ملهايو ويندو آهي. آخر ۾ غوثيا جماعت سهروردي رح جي روحاني پيشوا مخدوم شاهه محمود حسين قريشي ,مخدوم مريد حسين قريشي ,محمد زين حسين قريشي جي وڏي ڄمار قريش خاندان جي ڀلي ۽ ايڪي لاءِ اجتمائي دعا گهري وئي.

بقايا سنڌيار 05

اسرائيلي حڪومت خلاف مسجد الحسنه سڌارجا کان پريس ڪلب تائين فلسطيني عوام جي ۽ حمايت خاص طور تي بيت المقدس جي آزادي لاءِ القدس ريلي ڪڍي وئي، سينڪڙو مومنين ريلي ۾ شرڪت ڪئي، ريلي ۾ شريڪ مومنن جي وڏي انگ آمريڪا ۽ اسرائيل مرده باد جا نعرا هنيا. ريلي کي اصغريه آرگنائيزيشن پاڪستان ڊويزن جي نائب صدر برادر محمد خان حسن، شيعا ضلعي خيرپور جي اڳواڻ علي گلاب لنڊ، اميرحسين جعفري ۽ مولانا ارشاد علي ڪاشفي ريلي کي خطاب ڪندي چيو ڏ يوم القدس عالمي سامراج خلاف اٿي ڪڙو ٿيڻ جو ڏينهن آهي. يوم القدس مسلمانن لاءِ آزمائش ۽ هڪ اهڙي عظيم تحريڪ آهي، جيڪا يقيني طور تي سامراج جي مقابلي ۾ گهرا اثرڇڏي چڪي آهي. هي ڏينهن نه رڳو قدس لاءِ مخصوص آهي. پر عالمي سطح تي مظلوم دنيا جي مظلومن جي خلاف استڪبار ۽ استقامت جو مقابلو ڪرڻ جو ڏينهن آهي. انهن قومن جي جدوجهد جيڪي امريڪا ۽ ان قسم جي ٻين سامراجي ملڪن جي ظلمن جو شڪار آهن. يوم القدس هرسال رمضان المبارڪ جي آخري جمعي تي سڄي دنيا ۾ ملهايو ويندو آهي ته جيئن فلسطين ۽ دنيا جي سمورن مظلومن سان يڪجهتي جي اظهار ۽ اسرائيل ۽ آمريڪا جي ميينا جارحيت خلاف آواز اٿاريو وڃي. واضع رهي ته يوم القدس جي شروعات 1979ع ۾ ايران جي ان وقت جي روحاني رهبر آيت الله روح الله خميني ڪئي هئي جنهن کان پوءِ يوم القدس جي موقعي تي سڄي دنيا ۾ ريليون ڪڍيون وينديون آهن.

بقايا سنڌيار 06

سميت فوڊ انسپيڪٽرن خلاف ڪاروائي جو مطالبو.آڊيو رڪاڊ سوشل ميڊيا تي وائرل خبر موجب: ٿرپارڪر ضلعي ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر ڪڻڪ جو بحران شدت اختيار ڪري ويو آهي جنهن سبب اٽو ساڍا پنج هزار روپين ۾ مڻ وڪامڻ لڳو آهي ٻيي پاسي ٿرپارڪر ضلعي ۾ ڪڻڪ خريداري ۽ چڪي پرمينٽن ۾ ڪروڙين روپين جي ڪرپشن جو پانڊو ڦاٽي پيو آهي مٺي جي اٽا چڪي ايسوسيئيشن صدر ڪشور ڪمار ۽ اسلام ڪوٽ جي واپاري ايسوسيئيشن جي صدر ڪلديپ پاروائي وچ ۾ جاري سرد جنگ رڪارڊ ڪرپشن جا راز فحاش ڪري ڇڏيا آهن واپارين هڪ ٻيي مٿان ڪروڙن روپين جي ڪرپشن جا الزام هڻندي ڊي ايف سي فوڊ ڊپارٽمينٽ عبدالستار ميمڻ سميت انسپيڪٽرن کي ملوث قرار ڏيي ڇڏيو آهي واپارين وچ ۾ هلندڙ سرد جنگ دوران واپارين مختلف واٽسپ ايپ گروپن توڙي سوشل ميڊيا تي فوڊ ڊپارٽمينٽ سميت هڪٻيي مٿان ڪرپشن جا الزام لڳائي آڊيو رڪاڊ شيئر ڪري ڇڏيا آهن ان سلسلي ۾ رابطو ڪرڻ تي اسلام ڪوٽ واپاري ايسوسيئيشن جي صدر ڪلديپ پاروائي جو چوڻ هو ته ٿر ضلعو واريا سو آهي جتي ڪڻڪ جي پيداوار نٿي ٿيي جڏهن ته ڪڻڪ جا واپاري ڪنري نيوڪوٽ سميت ڪل چار ڄڻا هيا جيڪي ٿر کي ڪڻڪ سپلاءِ ڪندڙ هيا پر تازو ڪشور نالي همراهه جيڪو پاڻ کي منسٽري جو ماڻهو سڏائيي جن چڪي مالڪن جون پرمينٽ آيل آهن انهن کان به في گاڏي تي ساڍا تي لک روپيا رشوت اوڳاڙي رهيو آهي جڏهن ته ڊي ايف سي کي ڏيڍ لک ڏيي پرمينٽون ته ورتيون هجن ٿيون پر انهن پرمينٽن تحت ڪڻڪ نٿي ڏني وڃي هن چيو ته سانگهڙ مان ڪڻڪ هڪ سو ٻه ڪلو ڏهه هزار هڪ سيو ۾ چڪي مالڪن کي ملي ٿي جيڪا ڪشور فوڊ ڊپارٽمينٽ سان ملي ڪري گاڏيون روڪرايي هاٿي ساڍا ٻارهن هزار ۾ ڏي ٿوڦي پوري' تي هڪ هزار کان پندرهن سيو اوڳاڙيا وڃن ٿا جڏهن ته هڪ گاڏي ۾ ساڍا تي سيو پوري اچي ٿي اهڙي ريت ساڍا تي لک في گاڏي ٿيي ٿي پنج گاڏين جي پرمنٽ اسلام ڪوٽ لاءِ ڏني وڃي ٿي رڳو ساڍا سترهن لک تازا اوڳاڙيا ويا آهن اهڙي ريت مهيني جو ساڍا چار ڪروڙ ڀتا خوري ڪيي وڃي ٿي هن چيو ته ڪشور ۾ ايتري همت ناهي جو اڪيلي ڀتاخوري ڪري پر ڪجها هٿ شامل آهن ٻيي پاسي مٺي جي اٽا چڪي فلور مل ايسوسيئيشن صدر ڪشور ڪمار جو چوڻ هو ته ڪلديپ پاروائي بليڪميل ڪري رهيو آهي هن جو ڪو به ذاتي ڪاروبار ناهي نه ئي وٽس فلور مل آهي هي چڪي مالڪن کي يرغمال بڻايي ويٺل آهي جيڪا پرمينٽون جاري ڪيون ويون آهن انهن سيني کي ڪوٽا تحت ڪڻڪ فراهم ڪري رهيا آهيون باقي ڪنهن جي بليڪميلنگ ۾ نه ايندا سين ڪنهن جي فرمائش به نه هلندي ٻيي پاسي ان سڄي معاملي جي صورتحال ڄاڻڻ لاءِ ڊي ايف سي ستار ميمڻ سان رابطو ڪرڻ تي هن معاملي تي ڪا به ڳالهه يا موقف نه ڏنو ۽ نه ئي

ڊي ايف سي ٽرڪ بوگس چڪين بابت به موقف ڏيڻ کان لنوايي ويو ٻيي پاسي فوڊ رڪارڊ موجب ٿر ۾ 147 چڪيون آهن جڏهن ته فوڊ ڊپارٽمينٽ ڪرپشن جا رڪارڊ ٽوڙيندي انڊيا ويلن جا بي نالا جاءِايي انهن چڪين جي ڪوٽا مقرر ڪرايي آيل ڪڻڪ هڙپ ڪرڻ جو ٻي انڪشاف سامهون آيو آهي فوڊ ڊپارٽمينٽ پاران هڪ ڪيترو آٽا چڪي نالي بوگس چڪي' جي پرمنٽ جاري ڪيي ويي آهي جيڪا پرمنٽ ڪاپي ميڊيا کي هٿ اچي ويي آهي جڏهن ته ان چڪي جو ڪٿي ڪو نالو نشان ناهي اهڙي ريت ٿر ۾ وڏي مقدار ۾ بوگس چڪين جو پڻ انڪشاف سامهون آيو آهي جن چڪين جي ڪوٽا مقرر ڪرايي فوڊ ڊپارٽمينٽ آيل ڪڻڪ هڙپ ڪري رهيو آهي هوڏانهن ٻن واپارين جي هلندڙ سرد جنگ ۾ رڪارڊ ڪرپشن جو پانڊو ڦاٽڻ بعد ڊي ايف سي سميت فوڊ انسپيڪٽرن تي ڇتي تنقيد ڪيي پيي وڃي ان سلسلي ۾ ٿرجي سڄاڻ ڌرين اينٽي ڪرپشن سميت نيب ۽ هاءِ ڪورٽ کان نوٽيس وٺي ٿرجي غريب عوام جي وات جو گرهه ڪسيندڙن خلاف ڪارروايي جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 07

علامه ڊاڪٽر خادم حسين الحسيني، علامه سيد اختيار حسين نقوي، صوبائي معاون جعفريه يوٿ زوير سجاد حسين جمالي، ضلعي صدر سيد زاهد حسين شاهه، جنرل سيڪريٽري مولانا محسن مشهدي ۽ ضلعي ڪابينا، IEWOجي اڳواڻ مولانا ارباب حسين چانڊيو اگوٺي ڊويزنل صدر ۽ ڊويزنل ڪائونسل جي ميمبر، ISOسيهون ڊويزن جي صدر سليم رضا ساجدي، مولانا حب علي چانڊيو مولانا امجد علي جعفري، ڊويزنل صدر جي ايس او پاڪستان سيهون ڊويزن جي صدر محسن علي ساجدي تقريرون ڪيون جڏهن ته ايس يو سي، جي ايس او، جي واءِ ۽ IEWO جي سمورن تنظيمن جي ڪارڪنن ۽ مومنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، اڳواڻن چيو ته الحدا فلسطيني رياست جي قيام ۽ قبله اول بيت المقدس جي جلد آزادي، جو مطالبو ڪندي مسلم برادري' کي پنهنجو آواز بلند ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 08

بنياد تي ناهي ويندي ، پروفيسر قمرالدين ڪيريو، تفصيل موجب گورنمينٽ گرلس ڊگري ڪاليج نوشهروفيروز جي پرنسيپال امبرينا ناز ڪانجو ۽ ٽيچنگ عملي ۾ هلندڙ تڪرار ۽ ليڪچررز جي احتجاجن جو نوٽيس وٺندي آر ڊي ڪاليجز شهيد بينظير آباد پروفيسر شاهدا پروين ابڙو پاران پروفيسر منير احمد ميمڻ جي سربراهي ۾ پروفيسر بشير احمد راڄپر، پروفيسر محمد سفر سهتو، پروفيسر قمرالدين ڪيريو سميت جوڙي وئي هئي جڏهن ته ڪاميٽي گرلس ڊگري ڪاليج نوشهروفيروز پهچي پرنسيپال امبرينا ناز ڪانجو ۽ عملي پروفيسر شازيا قاضي، قرت العين عباسي، شهزادي صدف پٽو ربعه شيخ , جميلا جوکيو، زاهده چنڙ، روماتا ميمڻ، شبانا ابڙو، غزالا ابڙو، ثنيه ميمڻ ,فهميده گل عمراڻي، سميت ٻين ليڪچررز، پروفيسرز ۽ نان ٽيچنگ عملي جا بيان قلمبند ڪيا جڏهن ته پروفيسرز ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته 10 سالن کان ڪاليج ۾ حاڪميت قائم آهي ۽ ڪاليج کي پرنسيپال سرڪاري نه پر پنهنجي جاگير سمجهي هلائي رهي آهي اسان پنهنجا بيان ثبوتن سان ڪاميٽي اڳيان رکيا آهن ۽ اسان کي يقين آهي ته ڪاميٽي انصاف ڪندي ٻي صورت ۾ اسان پرامن احتجاج جو حق رکون ٿا جڏهن ته ڪاميٽي ميمبر قمرالدين ڪيريو رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته ڪاميٽي سفارش تي نه پر ميرٽ تي رپورٽ هائير اٿارٽيز کي اماڻيندي ۽ ڪنهن سان ڪا به ناانصافي نه ڪئي ويندي.

بقايا سنڌيار 09

سپروائيزر فرحان ماڪو کي هٽائي سنڌس جا رشوت مان ناهيل اثاثن جي نيب انڪوائري ڪرائڻ جو مطالبو ڪرڻ سان گڏ وزيراعظم ميان محمد شهباز شريف ۽ وفاقي وزير واپڊا خرم دستگير کي نوٽيس وٺڻ جي اپيل ڪئي، تفصيل موجب، رمضان المبارڪ جي ٻلاري مهيني دوران سکر شهر ۽ ڀرپاسي جي ڀرپاسي وارن علائقن ۾ روزانو ڪلاڪن جا ڪلاڪ بجلي بند هئڻ سبب روزيدارن جا لاهه نڪري ويا آهن، سيپڪو جي ستايل شهرين رودن تي نڪري سخت احتجاج ڪندي سيپڪو عملدارن خلاف ڇتي تعريبازي ڪئي ۽ چيو ته سکر ۾ سيپڪو آفيسر ۽ هيڊيون اسٽاف پرائيويٽ ماڻهن جي مدد سان ڪنڊا ڪنيڪشن هٽي هر مهيني ڪروڙين رپين جي بجلي چوري ڪري رهيا آهن جنهن سبب لائين لاسز پورا ڪرڻ لاءِ روانو 10 کان 15 ڪلاڪ اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ ڪري باقاعدي سان بل ڀريندڙ شهرين کي تنگ ڪيو وڃي ٿو هنن چيو ته بجلي چور مانيا عوام جي زندگين کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي، جنهن ۾ سيپڪو جا آفيسر ۽ سپروائيزر توڙي لائين مين ملوث آهن، صرف سکر شهر مان ڪنڊا ڪنيڪشن سبب ڪروڙين رپين جي بجلي چوري ڪري ملڪ ۽ قوم کي نقصان پهچائي پنهنجا کيسا ڀري رهيا آهن، هنن الزام هڻندي چيو ته سکر جي مختلف علائقن فيڊر سب ڊويزنل ۾ گذريل 14 سالن کان سياسي آشيرواد هيٺ مقرر ايس ڊي او سيپڪو فرحان ماڪوعوام لاءِ آزار بڻيل آهي جنهن هر مهيني بجلي چوري ۽ ڦرلٽ مان لکين رپيا ڪمائي ڪري آمدني کان وڌيڪ اثاثا ناهي ورتا آهن جنهن جي نيب انڪوائري ٿيڻ گهرجي، جڏهن ته بجلي جي لوڊشيڊنگ ۽ سيپڪو عملدارن جي زيادتين سميت سپروائيزرن اسسٽنٽ سپروائيزر ۽ لائين مينن ۽ سيپڪو جي ڪرپٽ آفيسرن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ته عوام جون پريشانيون ختم ٿي وينديون، هنن چيو ته سکر ۾ آدم شاهه ڪالوني، آچر گهٽي، شمس آباد، پٽا روڊ، ڪورٽ روڊ، نشون گوٺ، بندر روڊ ۽ ٻين علائقن ۾ سيپڪو عملدار ڪروڙين رپين جي لائين لاسز ۽ بجلي چوري ۾ ملوث آهن، جڏهن ته بجلي چورن جي دادا فرحان ماڪو سميت ٻين ايس ڊي اوز جي هڪ هٽي هجڻ سبب حڪومت پاڪستان کي ڪروڙين رپين جو هر مهيني ۾ نقصان ٿي رهيو آهي، احتجاج ڪندڙ شهرين جو چوڻ هو ته اسان جا سمورا بل ادا ڪيل آهن، پر رمضان المبارڪ ۾ بجلي بند هجڻ سبب روزا رکڻ مشڪل ٿي پيا آهن، ۽ گرمي ۾ سخت پريشان آهيون، بجلي جي بندش سبب گهريلو صارفين ۽ ڪاروباري زندگي سخت متاثر ٿي رهي آهي، هنن وزيراعظم پاڪستان ميان محمد شهباز شريف ۽ واپڊا جي وفاقي وزير خرم دستگير کي اپيل ڪئي آهي ته سکر ۾ بجلي جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ سميت ڪرپٽ عملدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاجن جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 10

جاويد شاهه، زوار آفتاب احمد پٽي،اقبال مغل، خليل ڪتري، مولانا فداحسين _ طالب شاهه شيرازي، نعيم قريشي خطاب ڪندي چيو ته آمريڪا جي مدد سان اسرائيل بيت المقدس تي قبضو ڪيو آهي، ٻنهي ملڪن پاران مسلمانن تي ظلم ڪيا پيا وڃن، هنن چيو ته مسلمان ملڪن تي ڏينهون ڏينهن ظلم وڌندا پيا وڃن پر آمريڪا خاموش تماشائي وارو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي هنن چيو ته اسلام دشمن ملڪ دين اسلام کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، يوم القدس عالمي سطح تي فلسطين جي مظلوميت ۽ نصرت مدد لاءِ واحد رستو آهي .هر سال مضبوط طريقي سان آواز بلند ڪيو وڃي ٿو، رمضان مهيني ۾ ٿي خاص ڪري اسرائيل بيت المقدس ۾ عبادت ڪندڙ مسلمانن مٿان ظلم ستم ڪري ٿو فائرنگ ڪري، شيل هٽي ڪين رتو رت ڪري ڇڏي ٿو پر دنيا جون طاقتون ان تي خاموش نظر اچن ٿيون ته وري مسلمان ملڪ به ان خاموشيءِ جو شڪار بڻيل هوندا آهن . تنهن هوندي يوم القدس جي جلوسن ۾ عوام جي شرڪت ثابت ڪري ٿي ته عوام مظلومن جي حمايت ۾ گڏ آهي پر حڪمران ان حمايت جو حصو نه بڻجندا هجن. هي يوم القدس جون ريليون , احتجاج ثابت ڪن ٿا ته مظلوم جي حق ۾ هر دور ۾ مظلوم ئي ميدان تي ايندا آهن.

بقايا سنڌيار 11

آهي گرفتار ٿيل جوابدار ڏوهه مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي مقتول ٽينگر ظهير ٻير جي والد شمس الدين ٻير جي فرياد تي پٽ ظهير ٻير جو قتل ڪيس ڪڪڙ ٿاڻي تي هڪ چاٽيل ب ان چاٽيل سميت ٽن ڄڻن جوابدارن مٿان ڪيس داخل ڪرايو آهي جن ۾ فهيم عرف ڪڪو پنهور ولد منظور سميت ب نامعلوم جوابدار شامل آهن فريادي شمس الدين ٻير ڪيس ۾ ڄاڻايو آهي ت معصوم 9سالا پٽ ظهير ٻير قتل جي واقعي بعد هڪ ڏينهن اڳ گهران سبزي وٺڻ ۽ بعد ۾ ٻه جي مزدوري ڪري شام جو واپس گهرن پهتو مسلسل گر هو جنهن جو 24 ڪلاڪن بعد سنڌس تشدد بعد پاڻي جي ڪڏ ۾ پٽ جو لاش هٿ آيو ڪيس ۾ ڄاڻايل جوابدارن مٿان قتل جو الزام هنيو آهي جن منهنجي پٽ کي قتل ڪري ظلم ناحق ڪيو آهي چوٿين ڪلاس جي معصوم شاگرد ظهير ٻير جي قتل جي واقعي بعد والدين پاران پنهنجي

ٻارڙن کي اسڪول وڃڻ کان روڪي ڇڏيو آهي شهر ۾ سوڳ وارو ماحول برقرار آهي ڪڪڙ پوليس موجب ڪيس ۾ ڄاڻايل جوابدار معصوم ٽينگر شاگرد ظهير ٻير کي قتل ڪرڻ جو ڏوهه جو اعتراف ڪيو آهي ۽ ٻي طرف قتل ڪيس ۾ گرفتار ٿيل جوابدار فهيم عرف ڪڪو پنهور جو چوڻ آهي ت معصوم ٽينگر ظهير کي قتل ڪرڻ جو الزام ٻي بنياد من گهڙت آهي مون قتل ن ڪيو آهي ن ئي مونکي ڪا ڄاڻ آهي ٽينگر جو خون جو ڪيس مون مسڪين تي مڙهڻ چاهن ٿا مان بي گناهه آهيان پوليس جي مارڪٽ جي خوف سبب مون مجبور ٿي ڏوهه باسيو آهي پلي قتل جي جاچ ڪري مون سان انصاف فراهم ڪيو وڃي هوڏانهن گرفتار ٿيل جوابدار فهيم پنهور کي ڪي اين شاهه ايڊيشنل سول عدالت ۾ پيش ڪيو جتي ڪين 3ڏينهن جي رماند وٺڻ بعد ڪين ڪڪڙ پوليس حوالي ڪيو ڪيو

بقايا سنڌيار 12

سائوٿ ريجن ڪراچي جو غير قانوني طور تي جوائنٽ ايڊمنسٽريٽر جي عهدي تي ايڊيشنل چارج تعينات ڪئي وئي آهي پاڪستان پبلڪ نمبر No.A1717/700(1338)جنهن جو نوٽيفڪيشن 6 اپريل 2023 ليٽر نمبر ورڪس ڊپارٽمينٽ هيڊ آفيس اسلام آباد کان جاري ڪيو ويو آهي واضح رهي ته جوائنٽ ايڊمنسٽريٽر جي پوسٽ تي قانوني طور تي سپريڊنٽ جو حق هوندو آهي ۽ ايڊيشنل چارج جي حوالي سان سپريٽنڊنٽ کي جوائنٽ ايڊمنسٽريٽر آفيسر ڏئي سگهجي ٿي، قانون جي خلاف ورزي ڪندي اعليٰ اختيارين اسسٽنٽ ايگزيڪٽيو انجنيئر کي ايڊيشنل چارج جوائنٽ ايڊمنسٽريٽر جي عهدي تي تعينات ڪيو ويو آهي جيڪو غيرقانوني آهي ٻئي پاسي سائوٿ ريجن جي تمام سپريٽنڊنٽ اسسٽنٽ ايگزيڪٽيو انجنيئر کي ايڊيشنل جوائنٽ ايڊمنسٽريٽر آفيسر ڪرڻ تي خدشن جو اظهار ڪيو آهي ۽ منسٽري آف هائوسنگ اينڊ ورڪس، پاڪستان پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ جي اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي ۽ تعيناتي واپس وٺڻ جو پڻ مطالبو ڪيو آهي هنن اسسٽنٽ ايگزيڪٽيو انجنيئر کي ايڊيشنل جوائنٽ ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪرڻ واري عمل کي غير قانوني عمل قرار ڏنو آهي سائوٿ ريجن جي سب آرٽيئيٽ جي تمام سپريٽنڊنٽ مطالبو ڪيو آهي ته پاڪستان پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ سائوٿ ريجن جي جوائنٽ ايڊمنسٽريٽر آفيسر کي مقرر ڪرڻ واري غيرقانوني عمل خلاف ڪارروائي عمل ۾ آڻيندي سندس سائوٿ ريجن جي جوائنٽ ايڊمنسٽريٽر آفيسر جي عهدي تي سب کان ڀهريون سينٽرل ڪيڊر جي سپريٽنڊنٽ کي چاج ڏنو وڃي اگر سينٽرل ڪيڊر مان ڪو به موجود ناهي ته سب آرڊينٽ ڪيڊر جي ايماندار سپريٽنڊنٽ کي مقرر ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 13

مارڻ لاءِ ڪٺائي نئون ديرو اسپتال پهچايو. ان حوالي سان اسپتال ۾ موجود ڳوٺ وارن جو چوڻ هيو ته نوجوان جي ڪمري جو دروازو اندران بند پيل هو وارثن جڏهن ڪيس کي ڪمري مان سڏ ڪرڻ ويا ته هن جو دروازو نه کلڻ تي وارثن دروازو ٽوڙي ڏٺو ته نوجوان ڪمري جي ڇت جي پکي ۾ پنهنجي رومال سان لٽڪيل هو، نوجوان جو ڪمري ۾ ڦاهو کاڌل لاش لٽڪيل ڏسي گهر اندر دانهون پئجي ويون، اسان سڀ ٻاڙي وارا دانهن تي پهچي وياسين مرحوم نوجوان جي والد علي جان جروار جو چوڻ هيو ته خالد علي کان پنهنجي زال 2 سال اڳ عدالت معرفت طلاق ورتي هئي جنهن ڪري هو مسلسل پريشان رهندو هو هو چنگجي هلائي پورهيو ڪندو هو جنهن اڄ ڦاهو کائي زندگيءِ جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو

بقايا سنڌيار 14

محمد ڪوريجو هٿياربند سان ڪري اسان جي زرعي زمين تي ويٺل هارين ملو شريف چانڊيو ۽ ڪرم علي ڪوسو کي قتل ڪري سندن لاش درياهه حوالي ڪيا هئا جنهن جو ڪيس پڻ فريد ديرو ٿاڻي تي داخل ٿيل آهي هاڻي وري هو علائقي اندر خونريزي ڪرائڻ چاهي ٿو هن هٿياربند گهرائي ورتا آهن جيڪي اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هن وڌيڪ ٻڌايو ضلعي پوليس سنڌس خلاف ڪا به ڪارروائي ناهي ڪئي زرعي زمين نه ڏيڻ جي صورت ۾ هو مسلسل اسان کي قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي هن وڪلاءِ برادري کي پڻ اپيل ڪئي ته معاملي ۾ ڪردار ادا ڪري علائقي اندر رتوڇاڻ ٿيڻ کان بچايو وڃي هن اعليٰ اختيارين ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي نوشهروفيروز ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪندي چيو ته با اثر خير محمد ڪوريجو خلاف ڪارروائي ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 15

کي بحال رکڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويندي. ڏوهارين سان ڪنهن به قسم جي رعايت نه ڪئي ويندي ان ڪم ۾ صحافي دوست اسان جي مدد ڪن. اسان سان گڏ صحافين جي به وڏي ذميواري آهي ايس ايس پي خيرپور مير روحل خان کوسو جو هر حڪم اسان جي لاءِ قابل احترام آهي بگي هلائيندڙ ۽ پرچي هلائيندڙ ڊيلرن خلاف سخت ايڪشن کنيو ويندو قانون جو احترام ڪرڻ اسان سمورن جي ذميواري آهي مسڪينن ۽ ابوجهن لاءِ منهنجا چوويه ئي ڪلاڪ دروازا کليل آهن ان کان بعد ۾ پيرلوءِ ا ايس ايڇ او پوليس نفري سان ڪري پيرلوءِ ٿيڙهي شاهي بازار جو گشت ڪيو ۽ دڪاندارن سان پڻ ملاقات ڪئي هن عوام کي گذارش ڪئي ته پنهنجي موٽر سائيڪلن کي تعلاهٿو ۽ لاپرواهي برداشت نه ڪئي ويندي. عوام پوليس سان تعاون جاري رکي.

بقايا سنڌيار 16

ان موقعي تي هنن دانهيندي چيو ته اسان گذريل پندرهن سالن کان هتي گهر اڏي ويٺل آهيون پر گذريل رات دير سان محسن اوٺو صالح اوٺو پاران لٽ برادر ماڻهو سان ڪري اسان جي گهرن تي اوچتو حملو ڪيو ۽ لهيل گهرن تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏين ٿا اسان اهڙي درخواست اسلام ڪوٽ پوليس کي به ڏني آهي پر بااثرن خلاف ڪارروائي ناهي ٿي هنن چيو ته اسان غريب ماڻهو آهيون اسان جي سپورٽ نه هئڻ ڪري مخالفن مان هر وقت جاني ۽ مالي نقصان جو خطرو آهي انهي ڪري اسان ڊي سي ٿر ايس ايس پي ٿر کان مطالبو ٿا ڪريون ته ترت نوٽس وٺي انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي.

بقايا سنڌيار 17

سڪندر مهيري خاص مهمان طور مخاطب ٿيندي چيو ته عيد جون خوشيون پوري دنيا جي مسلمانن لاءِ رحمت جو پيغام آهن ته وري انسان ذات لاءِ خوشين جو سبب آهن . يتيم غريب مسڪين بي سهارا ٻارن کي انهن خوشين ۾ خاص اهميت ڏيڻ انسانيت جي عظيم خدمت آهي . وفاقي حڪومت جي بيت المال جي طرفان ٽنڊو غلام حيدر ۾ قائم يتيم خاني ۾ انيڪ سهوليتن جي ضرورت آهي . يتيم ٻارڙن جي خوشين لاءِ منعقد ڪيل تقريب ۾ ڪين عيد جا تحفا ڏيڻ سان سندن گلن جهڙي زندگي مان مايوسي جو تصور ختم ڪرڻ جو هڪ بهترين موقعو آهي . جنهن ۾ يتيم ٻارڙن مان احساس محرومي جو خاتمو ٿيڻ سان سندن عام زندگي ترقي جي منزل ڏانهن آساني سان اڳتي وڌنڌي . ٽنڊو محمد خان ضلعي انتظاميه طرفان يتيم خاني جي لاءِ خصوصي فنڊ مقرر ڪرڻ جو پڻ الڳ اعلان ڪيو ويو . تقريب ۾ يتيم خاني جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سيد احسن علي شاهه چيو ته علائقي جي اندر سوئيٽ هوم جي نالي سان بي سهارا يتيم ٻارڙن لاءِ 3 سالن کان سينٽر هلندڙ آهي جنهن ۾ علائقي جا 100 کان وڌيڪ يتيم ٻارن جي تعليم تربيت ۽ کاڌ خوراڪ جو وفاقي سرڪار جي بيت المال جي فنڊ تي بجيت ڏني وڃي ٿي .جنهن ۾ ڪجهه مسئلا رهجي وڃن ٿا جنهن ۾ پڻ وفاقي ۽ صوبائي حڪومت جي تعاون جي ضرورت آهي . تقريب کي سينٽر جي انچارج ياسمين سولنگي . مرڪ مگسي . يتيم ٻارڙن کي سنڀاليندڙ امان پروين . ڪائونسلر شهزاد اسماعيل ميمڻ . سول سوسائٽي جي اڪبر دائودائي ۽ ٻين پڻ يتيم خاني جي سوئيٽ هوم کي علائقي جي بي سهارا يتيم ٻارڙن لاءِ هڪ سهارو قرار ڏنو ۽ چيو ته هن سينٽر ۾ يتيم ٻارڙن کي سندن يتيمي جي احساس محرومي مان نجات ڏيارڻ لاءِ هر ممڪن اپاءُ ورتا وڃن ٿا ته جيئن معصوم يتيم ٻارڙن جي پالنا ۾ بهتري سان گڏ سندن مستقبل روشني ڏانهن اڳتي سفر ڪري سگهي . ان موقعي تي پاڪستان سوئيٽ هوم يتيم ٻارڙن جي سينٽر جي شاگردن ۽ شاگردياڻين علم پرايو پاڪستان سنواريو . سنڌ سنواريو جي حوالي سان ملي قومي گيت . خاڪا ۽ ٽيبلوز پيش ڪري انعام حاصل ڪيا .

بقايا سنڌيار 18

ڳوٺا ٿي اسڪول ۾ دڪان کولي ڇڏيو آهي ڳوٺاڻن تعليمي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته ڳوٺ چتو مستوئي جي پرائمري اسڪول ۾ قائم ٿيل دڪان بند ڪرائي اسڪول کوليو وڃي

معصوم ٻارڙن جو تعليمي مستقبل بچايو وڃي دادو جو سيشن جج هن خبر جو فوري نوٽيس وٺي.

بقايا سنڌيار 19

اصغر هاليپوٽو انچارج سي آءِ اي بدين *هادي بخش رند تي مشتمل ٽيم 13 اپريل تي درگاهه احمد راڄو جي پرسان مرغي فارم تان هٿيار بندن جي طرفان اغوا ٿيل غلام نبي ڪلمتي کي بازياب ڪرائڻ جي لاءِ گولاڙچي جي پرسان چڪ نمبر 15 ۾ ڇاپو هڻي مغوي غلام نبي ڪلمتي کي بازياب ڪرائي ورتو پوليس ڪارروائي ڪندي ڄڻن جوابدارن کي گرفتار ڪري ٻه عدد پسٽل ۽ ايمونيشن برآمد ڪري ورتو جڏهن ته ٽي جوابدار موقعي تان فرار ٿي ويا جوابدارن مغوي غلام نبي ڪلمتي کي اغوا ڪري 2 ڪروڙ پنگ طلب ڪيو هو پوليس جي طرفان جوابدارن جي خلاف گولاڙچي ٿاڻي تي پنگ لاءِ اغوا غير قانوني هٿيار رکڻ ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جانچ ڪري رهي آهي

بقايا سنڌيار 20

ڊيمو پلاٽس تي مفت سيفٽي ڪٽ فراهم ڪيون ويون آهن سفٽي ڪٽ عورتن هارين کي ڏنيون ويون آهن. جنهن ۾ خصوصي شرڪت زرعي ماهر سبجيڪٽ ميٽر اسپيشلسٽ پروفيسر عبدالغفور مگسي صاحب ۽ سوشل موبلائيزر مش شهنيلا لغاري پڻ شرڪت ڪئي ۽ تنهن تي پروفيسر عبدالغفور مگسي صاحب ڳالهائيندي چيو ته هي پروجيڪٽ ورلڊ بينڪ جي تعاون سان ڪجهه سالن کان وٺي سنڌ ۾ هلي رهيو آهي جنهن ۾ اسان پنهنجي غريب عورتن کي مفت سفٽي ڪٽ فراهم ڪيون آهن جيئن هو فصلن جي پڪينگ ڪري سگهن ان ڪٽس ۾ اسان جي پروجيڪٽ (SIAPEP)هڪ جوگر شوز 'ڪيپ' سن گلاسز'هينڊ گلوز ۽ ماسڪ ڏنا ويا. جيئن اسان جون هاري عورتون جيڪي زمين ۾ ڪيتي ٻاري ڪن ٿيون اوهي محفوظ رهي سگهن.

بقايا سنڌيار 21

ريلي ڪڍي وئي، ريلي جي اڳواڻي ضلعي صدر شيعه علماء ڪائونسل جو صدر سيد جواد حسين رضوي، جنرل سيڪريٽري غلام عباس مهر، مولانا لياقت جوهري، مولانا فرمان مهدوي ڪري رهيا هئا. اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته بيت المقدس اسان مسلمانن جو قبل اول آهي جنهن تي اسرائيل قبضو ڪيو آهي اڄ جي ڏينهن تي قائد ملت جعفريه پاڪستان علامه ساجد علي نقوي جي حڪم تي سڄي پاڪستان ۾ تعلقي سطح تي احتجاج ڪيو پيو وڃي ۽ اسرائيل جي قبضي جي خاتمي تائين احتجاج جاري رهندو

بقايا سنڌيار 22

ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سيڪريٽري تعليم اڪبر لغاري خاطري ڪرائي هئي چيو هو ته عيد کان اڳ پگهارون جاري ڪيون وينديون خزانه آفيس جي عملدارن کي رشوت نه ملڻ ڪري اسان جون پگهارون جاري ڪرڻ کان روڪيون ويون آهن هنن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته خزانه آفيس جي ڪرپٽ ڪامورن خلاف نوٽيس وٺي استادن جون پگهارون جاري ڪرايون وڃن اميدوارن جي تنهڻ اس ۾ احتجاجي ڌرڻي سبب روزيدار اميدوارن کي تڪليف پهتي.

بقايا سنڌيار 23

وئي، جنهن ۾ قرآن خواني ڪرائي افطار بعد ننگر نياز ڪري مرحوم جي مغفرت لاءِ خصوصي دعائون گهريون ويون. جنهن ۾ ڳوٺاڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري مرحوم جي ڪيل خدمتن تي روشني وڌي. ان موقعي تي ورسي تقريب کي خطاب ڪندي جماعت اسلامي سنڌ جي ڊپٽي سيڪريٽري مولوي عبدالقدوس احمداڻي ۽ غلام شفيع سمون چيو ته رمضان جو ٻلارو مهمان مهينو آهي، جنهن جو مسلمانن کي احترام ڪري سمورا روزا رکڻ گهرجن. هن فلسطين ۾ فلسطيني مسلمانن جي رت جي شروع ٿيندڙ راند تي سخت ڏک ۽ غم جو اظهار ڪندي اقوام متحد کان گهر ڪئي ته شروع ٿيل جنگ بند ڪري بيگناهه مسلمانن جو رت وهائڻ بند ڪيو وڃي. هنن چيو ته اسانجي ملڪ جي حڪمرانن جي غلط پاليسين سبب ملڪ جو ڏيوالو ڪڍيو پيو وڃي. جنهن ڪري مهنگائي، بيروزگاري ۽ بدامني ۾ اضافو ٿيو آهي، جنهن جا زميوار وحود حڪمران آهن. هنن گهر ڪئي ته ملڪ مان مهنگائي، بيروزگاري، بدامني جو خاتمو آڻي عوام لاءِ نوان روزگار جا موقعا فراهم ڪيا وڃن. جيئن ملڪ جو عوام سڪون واري زندگي گذاري سگهي. هنن چيو ته مرحوم حاجي محمد اسماعيل گندرو جون خدمتون ساراهه جوڳيون آهن. جنهن سڄي زندگي جماعت اسلامي کي اربي هڪ ڪارڪنن جي حيثيت سان پارٽي کي ضلعي اندر مضبوط ڪري عوام جي بنا فرق جي خدمت ڪري انهن کي پنهنجا حق ڏيارايا آهن. سندس خدمتون هميش ياد رکيون وينديون. ان موقعي تي ملاح اڳواڻ ڏاڏا آدم گندرو ۽ سندس پاءِ حبيب الله گندرو چيو ته هو پنهنجي والد مرحوم جي ڪڏهن به وساري نٿا سگهن. ان جي محنتن جي نتيجي ۾ هي هن منزل تائين پهتا آهن. سندن والد محمد اسماعيل گندرو جن ڪين رڏا ڪشالا ڪڍي تعليم ڏيارڻ سميت ڳوٺ جي ٻين ۽ ڪيترن ئي ڇوڪرن کي مفت تعليم ڏياري. جنهن جون خدمتون اسان ڪڏهن ۽ وساري نٿا سگهون. رب پاڪ کان دعا آهي ته بابا سائين کي جنت الفردوس ۾ جڳهه عطا فرمائي ۽ اسانکي سندس نقش قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي. ان موقعي تي نعت خوان شاهنواز سولنگي نعت پڙهڻ جي سعادت ماڻي. ورسي تقريب ۾ غلام شفيع سمون، سميع الله گندرو، صحافي محمد ايوب ملاح، ارباب ڪمن سمون، محمد قاسم گندرو، عبدالحڪيم گندرو، ڪامريڊ گل حسن گندرو، عبدالشڪور گندرو، عبدالجليل گندرو، خليل احمد گندرو، ذڪريا گندرو، هارث گندرو، سائين علي گندرو، خليل الله گندرو، اسدالله گندرو سميت ٻيا پڻ ڳوٺاڻا وڏي انگ ۾ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 24

پروين هاليپوٽو جي اڳواڻي ۾ هڪ درزن کان وڌيڪ موبائيلن ۾ سوار پوليس جي وڏن اٿالن شهر جي جهونا مارڪيٽ ۾ حڪومتي پارٽي سان تعلق رکندڙ بااثر واپاري عبدالغني عباسي جي دڪان ۽ گدامن تي ڇاپو هڻي گهٽڪي ناهڻ جو سامان 22 مڻ ڪاٿوتي من گهٽڪا سوپاري 30 ڪلو گهٽڪا پيڪنگ 30 ڪلو گرام گهٽڪي ۾ استعمال ٿيندڙ راڪيٽ مصالحو 25 ڪلو گرام جيلاٽي گهٽڪو مصالحو ۽ 29 مڻ گهٽڪي جو ڪچو سامان برآمد ڪري ورتو بدين پوليس جوابدار غني عباسي جي خلاف گهٽڪا منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو آهي واقعي کان پوءِ حڪومتي ڌرسان لاڳاپيل واپارين صبح ٿيندي ئي زبردستي شهر بند ڪرائڻ شروع ڪري ڇڏيو جنهن جي ڪري شهر ۾ ڪلاڪ ڪن جزوي هڙتال ٿي وئي بعد ۾ شهر کلي ويو جڏهن ته گهٽڪي جي خام مال جو ڪاروبار ڪندڙ واپاري جي حمايت ۾ ايم پي اي تاج محمد ملاح پي پي اڳواڻ حنيف خاصخيلي شاهنواز زرگر حسن ميمڻ اڪبر ميمڻ جي اڳواڻي ۾ بدين پوليس جي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري شاهنواز چوڪ تي ڌرڻو هڻي ايس ايس پي شاهنواز چاچڙ ۽ اي ايس پي ماجدا هاليپوٽو جي خلاف سخت نعري بازي ڪئي وئي هن موقعي تي ايم پي اي تاج محمد ملاح بدين پوليس تي الزام هڻندي چيو ته بدين ۾ پوليس جي سرپرستي ۾ منشيات جو ڪاروبار هلي رهيو آهي مختلف ٿاڻن ۾ پڪڙيل منشيات سفينا ڪيڏانهن وڃي ٿي هن چيو ته بدين پوليس واپاري غني عباسي سان زيادتي ڪئي آهي جنهن کي برداشت نه ڪيو ويندو هن چيو ته اي ايس پي ماجدا پروين هاليپوٽو ماتلي شهر ۾ هلندڙ منشيات بند ڪرائي پوءِ اچي بدين ۾ ڪارروايون ڪري بدين جي واپارين سان هن قسم جون زيادتيون هرگز برداشت نه ڪيون وينديون ٻئي طرف دڪاندار غني عباسي گرفتاري جي ڊپ کان غائب ٿي ويو آهي

بقايا سنڌيار 25

چيو ته جوابدار غمشاد علي ملاح اسان جي 13سالن جي نياڻي صاحبه کي اغوا ڪري ويو آهي جنهن زبردستي ڪوڙو نڪاح ڪرايو آهي هن ٻڌايو آهي ته 6 ڏينهن اڳ اسان مزدوري سانگي ويل هئاسين ته جوابدار غمشاد علي ملاح اسان جي نياڻي کي گهران ورغلائي پاڻ سان گڏ ولي وڃي زبردستي ڪوڙو نڪاح نامون ٺهرائي ڪوڙو نڪاح ڪرايو آهي اسان سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سيشن جج ٽنڊو ايس ايس پي ٽنڊو کان مطالبو ٿا ڪريون ته فورن نوٽيس وٺي اغوا ٿيل نياڻي کي بازياب ڪرائي ڪورٽ ۾ پيش ڪرائي سنڌس ميڊيڪل ڪرائي جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 26

ان سلسلي ۾ مليل ڄاڻ موجب ڳوٺاڻن ڍنڍ ۾ پيل لاش ڏسي آنڊل سنڌرائي پوليس کي اطلاع ڏنو جنهن بعد پوليس لاش ڪٺائي سول اسپتال گهوٽڪي منتقل ڪيو ويو جتي سنڌس لاش جي سڃاڻپ ڳوٺ بلاول واسو جي رهواسي چاليهه سالا

سومرو واسو طور ٿي. جنهن بعد فوتي جي وارثن لاش ڪٺائي گهر منتقل ڪيو جتي سنڌس لاش پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو. ان سلسلي ۾ پوليس جو چوڻ هو ته ڳوٺائي سومر واسو جي گمشدگي جو اطلاع ڪجهه ڏينهن اڳ سنڌس جي وارثن طرفان ڏنو ويو هو. جنهن جو لاش هٿ اچڻ بعد معاملي جي هر رخ کان جاچ ڪئي پئي وڃي

بقايا سنڌيار 27

رک ٿي ويو متاثرن ٻڌايو ته باهه جي شدت ايتري تيزهئي جو گهر ۾ پيل ڪڻڪ ڪپڙا بسترا ڪٽون ٿانوَ جو ڏاج روڪ رقم ۽ ٻيو قيمتي سامان سڙي رک ٿي ويو وارثن رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته باهه لڳڻ سبب مسمات فاطمه، ٽينگري گڏي ۽ مهران ميراڻي سميت چار ڄڻا سڙي زخمي ٿي پيا جن کي ڪنڌڪوٽ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو باهه وسائڻ لاءِ ڳوٺاڻن پاران پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪوشش شروع ڪري ڏني فائير برگيڊ نه پهتي جنهن سبب سندن گهر جو سامان سڙي رک ٿي ويو متاثرن ميهار ميراڻي فاطمه ميراڻي ۽ ٻين ڊي سي ڪشمور کان مطالبو ڪيو ته اسانجي واهر ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 28

روڊ شير واهه اسٽاپ جي رهندڙ پورهيت ذوالفقار علي ملاح جا 2 گلن جهڙا معصوم ٻار 5 ورهين جو غلام مصطفي ملاح ۽ 3 ورهين جو غلام رسول ملاح شير واهه ۾ وهنجندي ٻڏي فوت ٿي ويا. ٻئي معصوم ٻائر گهر پرسان وهندڙ شير واهه ۾ وهنجي رهيا هئا. ڊ واپس نه اچڻ تي سندن وارثن ڳولا شروع ڪئي، ڪافي دير بعد سندن لاش شير واهه مان هٿ ڪيا ويا. ٻنهي ٻڏي ويل معصوم ٻائرن جا لاش دڙو جي سرڪاري اسپتال آندا ويا. جتي ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيا ويا. هڪ ئي وقت ٻنهي ٻائرن جا لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ٻارن جي ٻڏي فوت ٿيڻ واري واقعي بعد دڙو ۽ ڀرپاسي جي سمورن علائقن ۾ سوڳ واري فضا ڇانئجي وئي. هوڏانهن پورهيت خاندان جي ٻن معصوم ٻارن جي افسوسناڪ واقعو ميڊيا ۾ مسلسل رپورٽ ٿيڻ باوجود سڄاول جي ڊي سي سميت ڪنهن عوامي نمائندي يا حڪومت شخصيت نه جنازن ۾ شرڪت ڪئي ۽ نه ئي ڪا مالي واهر ڪئي وئي آهي. هوڏانهن ٻنهي معصوم ٻارن کي اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 29

پوليس پارٽي سان ڪري مختلف هنڌن تي منشيات فروشن خلاف ڪارروائي ڪندي ميرن جي قبرستان وٽ جهنگ ۾ ديسي شراب ناهي وکرو ڪرڻ جي الزام هيٺ جوابدار مقبول جسڪاڻي کي گرفتار ڪري 30 ليٽر تيار ٿيل ڪچو شراب ۽ اڌ تيار ٿيل سٽو ليٽر ڪچي شراب سميت گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته بچايو چوهاڻ ۽ مختيار عرف پٽانو پٽي پوليس کي ڏسي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا جڏهن ته ٽنهي جوابدار خلاف ڪچو شراب ناهي وکرو ڪرڻ جي الزام هيٺ ستي ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي رابطي دوران ايس ايڇ او ستي ٻڌايو ته ايس ايس پي جناب غلام نبي ڪيريو جي خصوصي هدايتن تي حد اندر منشيات فروشن خلاف ڪاروايون ڪيون پيون وڃن ان ٻڌايو ته ميرن جي قبرستان وٽ جهنگ اندر ٻلي قائم ڪري ڪچو شراب ناهي وکرو ڪرڻ جو مخفي اطلاع تي ڪارروائي ڪري ڇاپو هنيو ويو ته سوين ليٽر تيار ٿيل ۽ اڌ تيار ٿيل ڪچو شراب ۽ ڪچو شراب ناهڻ وارو سامان هٿ ڪيو ويو ان وڌيڪ چيو ته هڪ جوابدار مقبول جسڪاڻي کي سرزمين تان شراب سميت گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته ٻه جوبدار مختيار عرف پٽانو چوهاڻ فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا فرار ٿيل جوابدار خلاف مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻي رهيا آهيون جن کي جلد گرفتار ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 30

خطاب ڪندي چيو ته ڊاڪٽر اجمل ساوند جو قتل سنڌ جي شعور جو قتل آهي جاگير دار ۽ سردار سنڌ جي ماڻهن جي خوشالي نٿا چاهين ان ڪري قبالي جهيڙن ۽ ڪارو ڪاري جي جهڙين بيڪار رسمن جي آڙ ۾ سنڌ جي پڙهيل لکيل ماڻهن کي نشانو بڻائي پنهنجي وڏيرڪي سوچ کي طاقت بخشيندا آهن جيڪا پوري سنڌ جي ماڻهن لاءِ ڪنهن ناسور کان گهٽ ناهي هنن مطالبو ڪيو ته عالمي سطح تي انساني حقن لاءِ ڪم ڪندڙ تنظيمون شهيد ڊاڪٽر اجمل ساوند جي قاتلن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ۽ آءِ جي سنڌ شهيد اجمل جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ پوليس کي خاص حڪم جاري ڪري جلد از جلد قاتلن کي قانون جي گرفت ۾ آڻجي ته جيئن ڊاڪٽر اجمل ساوند جهڙا سماجي درد رکندڙ نوجوان محفوظ رهي سگهن

بقايا سنڌيار 31

طلب چيف سيڪريٽري پاران ورڪ چارج ملازمن کي پڪو ڪرڻ جي يقين ڏيهاڻي چيف سيڪريٽري ميان عبدالرحيم پارو جي درخواست تي ڪشمور BSفيڊر جي اغوا ٿيل تانديل محمد حسن سولنگي کي فوري طور بازياب ڪرائڻ لايي سيڪريٽري اريگيشن سنڌ هوم ڊيپاٽمينٽ سنڌ SSPڪشمور SSPسکر SSPگهوٽڪي کي اريگيشن ملازمن جي حفاظت لايي فوري طور اپاءُ وٺڻ ۽ اغوائيل محمد حسن سولنگي کي بازياب ڪرائڻ جو حديتون فوتي کوٽا اسان ڪرڻ لايي ڪاميٽي جوڙڻ مزدور ملازمن جي ڀلايي لايي اپاءُ وٺڻ تي ميان عبدالرحيم پارو پاران چيف سيڪريٽري جا ٿورا مڃيندي اجرڪ جو تحفو پيش ڪيو ميان عبدالرحيم پارو ميڊيا سا ڳالهيون ڪندي چيو ته مزدورن جي حقن جو تحفظ ڪرڻ منهنجي فرض ۾ شامل آهي مان پنهنجي زندگي مزدورن جي لايي وقف ڪري ڇڏي آهي جيستري زندگي الله پاڪ ڏني آهي مزدورن جي حقن جو تحفظ ڪندو رهندس

بقايا سنڌيار 32

۾ ملگڻ بدنام گهٽڪا فروش فجي ملاح جي گهٽڪي جي گدام تي ڪاما ڪارروائي ڪندي 2 گهٽڪا فروش جوابدار قربان ولد ارباب ملاح ۽ محمد حسن ولد عقوب ملاح* کي گرفتار ڪري ورتو ڪارروائي دوران پولس گهٽڪي جي گدام تان 60 ڪلو ڇورو سپاري، 500 پڙيون گهٽڪا ماوا، 10 پاڪيٽ زعفراني تمباڪو پتي، 10 ڪلو رڏي ۽ گٽڪي تيار ڪرڻ جو سامان هٿ ڪري جوابدارن جي خلاف گهارو ٿاڻي تي گهٽڪا ايڪٽ جي تحت ڪيس داخل ڪري ڇڏيو جڏهن ته پوليس پاران جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا جاري آهن

بقايا سنڌيار 33

۾ قومي عوامي تحريڪ طرفان مرحليوار تحريڪ هلائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ان ڏس ۾ قومي عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي جي اڳواڻن شبير پٽي، حبيب الله پليجو، لياقت ٻارڻ، ممتاز شيخ، بشيرالله صاحب سمون، شفيع محمد پليجو، دانش خاصخيلي، شڪيل خاصخيلي ۽ ٻين پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته سنڌ جي اڳوڻي تخت گاهه، علمي، ادبي تاريخي، واپاري شهر ٺٽي سان ويساهه گهاتي ڪئي پئي وڃي، ماضي جي خوشحال خطي ٺٽي ضلعي کي هڪ سازش تحت وسيلا ٺين وال ڪري مقامي ماڻهن کي پٺ سان لڳايو پيو وڃي، هن چيو آهي ته ٺٽو سنڌو درياهه جي پوڇڙ وارو ضلعي هئڻ ڪري جتي هرسال پاڻي جو بحران رهي ٿو وڏي آبادي وارا شهر مڪلي ٺٽو جا شهري پيئڻ جي پاڻي لاءِ پريشان آهن. جڏهن ته ڪينجهر ڍنڍ مان ڪي ڊي اي واهه وسيلي روزانو 12 سئو ڪيوسڪ پاڻي ڪراچي کي فراهم ڪيو ٿو وڃي. پر ڪي ڊي اي واهه پرسان 8 کان 10 ڪلو ميٽرن تي موجود شهر مڪلي، ٺٽو ۽ جنگشاهي جا شهري پاڻي جي لپ لاءِ واجهائي رهيا آهن هنن چيو آهي ته ٺٽي ضلعي ۾ هوا وسيلي بجلي پيدا ڪندڙ 50 کان وڌيڪ مختلف ونڊملز روزانو 2 هزار ميگا واٽ بجلي تيار ڪري نيشنل گريڊ اسٽيشن کي وڪرو ڪري رهيا آهن پر جنهن ضلعي مان بجلي حاصل ٿي رهي آهي هن ضلعي ۾ بجلي جو سنگين بحران برقرار آهي روزانو 12 کان 14 ڪلاڪن جي لوڊشيڊنگ جو سلسلو جاري آهي. هنن چيو آهي ته ملڪ جا ميگا منصوبا هتي موجود آهن جن طرفان ساليانو ڪروڙين روپيا سي ايس آر جي مد ۾ فنڊن جاري ڪيا ٿيا وڃن پر اهي رقمون ڪرپشن ۽ بيقاعدگي جي وڙڇڙهيل آهن نتيجي ۾ مقامي علائقا، شهر روڊن، رستن، بهتر اسڪولن، صحت مرڪزن، پاڻي، بجلي، سوئي گئس جي سهولتن سميت ترقي کان محروم آهن هنن چيو آهي ته ٺٽي ضلعي ۾ ترقي جي نالي تي مقامي ماڻهن سان ويساهگهاتي ڪري ڪين روزگار کان محروم رکي غير مقامي ۽ ڌاريون ٻوليون ڳالهائيندڙن کي نوازيو پيو وڃي جيڪو عمل سراسر ناانصافي ۽ قانون جي خلاف ورزي آهي هنن ڇتاءُ ڏيندي چيو آهي ته پاڻي، بجلي جي فراهمي سميت سي ايس آر فنڊن جي درست استعمال لاءِ قومي عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي طرفان عيد بعد مرحليوار تحريڪ پڻ هلائي ويندي.

بقايا سنڌيار 34

خوشين کان محروم ڏهرڪي ميرپور ماٿيلو ۾ ڊوائيز مافيا ايجنٽ بي لغام بڻيل سينٽرن تي عورتن جي تذليل ۽ ڪنوتي جو سلسلو جاري گرمي لڳڻ سبب چار عورتون بيهوش ٿيڻ جا اطلاع گهوٽڪي ضلعي جي پوليس ڊوائيز مافيا ايجنٽن آڏو بيوس بڻيل ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي ۽ چونڊيل نمائندا عوام جي مسئلن کان لاتعلق بڻيل سياسي سماجي اڳواڻن پاران اعلي اختيارين کان نوٽس وٺڻ جو مطالبو تفصيل موجب بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي ضلعي انچارج جي نااهلي ۽ ڀتا خوريءِ سبب ذريعن وٽان مليل ڄاڻ موجب ميرپور ماٿيلو ڏهرڪي اوباوڙو سميت گهوٽڪي ضلعي جون هزارين بيواهه مستحق عورتون سفارش يا ٽي کان چار هزار روپيا پٽو نه ڏيڻ سگهڻ ڪري عيد جي موقعي تي به بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي وظيفي کان محروم بڻيل آهن ان سلسلي ۾ گذريل چوٿين ڏينهن به بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي سروي آفيس ٻاهران بيواهه مستحق عورتن ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام هڻندي چيو آهي ته سرڪاري ملازمن زميدارن جي غير مستحق فيملين جا نالا ٽي کان چار هزار روپيا پٽو ڏيڻ ڪري شامل ڪيا ويا آهن جڏهن ته پٽو نه ڏيڻي سگهندڙ اسان مستحق عورتون سالن کان آفيس جا چڪر ڪاٽي ڪاٽي ٿڪجي پيا آهيون پر افسوس ڪوبه ماڻهون داد فرياد ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي هنن جو وڌيڪ چوڻ هو ته افسوس جو مقام هي آهي ته پوليس جي موجودگي ۾ ڊوائيز مافيا پاران من پسند ماڻهن جي سروي ۽ ڪنوتي جو سلسلو هلي رهيو آهي جيڪو ظلم آهي هنن جو وڌيڪ چوڻ هو ته هتي ايجنٽ مافيا بي لغام بڻيل آهن جنهن سبب صبح کان شام تائين بجي پيٽ بيهي بيهي واپس هليا ويندا آهيون ڪو انتظام نه هجڻ ڪري گذريل ڏينهن مسمات حاجاڻي مسمات تورين سميت چار عورتون بيهوش ٿي ويون پر ان باوجود ڊوائيز مافيا خلاف ڪو ادارو ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي هنن بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي انچارج شازيه عطا مري ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي عثمان عبدالله ايس ايس پي گهوٽڪي تنوير حسين تنيو ايس ايڇ او ميرپور ماٿيلو ايس ايڇ او ڏهرڪي کان نوٽس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا سنڌيار 35

ملهائڻ واري اعلان مطابق اڄ ڏهرڪي ۾ شيعه علماء ڪائونسل پاڪستان تعلقي ڏهرڪي پاران مرڪزي حيدري امام بارگاهه ڏهرڪي کان جامع مسجد چوڪ ڏهرڪي پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي وڏي انگ ۾ شيعه علماء ڪائونسل پاڪستان جي ڪارڪنن ڀرپاسي ۾ رهندڙ مومنين سياسي سماجي توڙي سوشل ميڊيا سان لاڳاپيل ماڻهن شرڪت ڪئي انهي موقعي تي شيعه علماء ڪائونسل پاڪستان تعلقي ڏهرڪي جي صدر راحب سومرو . شهرياراڪبر . مولانا طالب حسين مطهري، چيو ته وڏي عرصي کان اسرائيل فلسطينين جورت وهائي رهيو آهي هر ڏينهن بيت المقدس ۾ عبادت دوران اسرائيلي فوج اندر داخل ٿي مردن عورتن ۽ معصوم ٻارڙن مٿان سڌيون گوليون هلائي شهيد ڪيو پيو وڃي ۽ مختلف طريقن سان ظلم جي انتها ڪئي پئي وڃي ڪٿي آهن انسانيت جون علمبردار دعويدار اين جي اوز ۽ ٺڳ تنظيمون جا انهن کي فلسطينين سان ٿيندڙ ظلم نظر نٿو اچي فلسطين جي معصوم ٻچڙن عورتن ۽ ڳڀرو جوانن جي بيڏوهي ڪلو پيو وڃي ڪٿي آهن اقوام متحده جا ٺيڪيدار ظالم جابر امريڪا ۽ يورپي يونين کان علاوه تمام مغربي طاقتون چو خاموش آهن دنيان لبول تي جڙيل اسلامي ملڪن جي اتحاد او آئي سي جي سربراهن کي گهرجي ته دنيان اندر خصوصي طور فلسطيني مسلمانن مٿان ٿيندڙ ظلم کي هر وڏي پليٽ فارم تي وائڪو ڪن ۽ پاڪستان جي قومي ۽ صوبائي اسيمليين مان اسرائيلي جارحيت خلاف مذمتي قرارداد پاس ڪري مظلوم فلسطينين سان اظهار يڪجهتي طور سات ڏنو وڃي ريلي ۾ شريڪ ماڻهن اسرائيل مرده باد امريڪا مرده باد جا نعرا هڻندا رهيا

بقايا سنڌيار 36

ڊرٿو هاشمي ميڊيڪل سينٽر بند ڪرڻ جو مطالبو تفصيل موجب ماتجهند ۾ سماج سڌارڪ ديدار حسين ميمڻ جي خون سان انصاف نه ٿيڻ خلاف شهرين 5 ڏينهن به ٻانهن تي ڪارون پٽيون ٻڌي شاهي بازار مان ريلي ڪڍي مين چوڪ تي ڊرٿو هٽي هاشمي ميڊيڪل سينٽر حيدرآباد انتظاميا خلاف ڇتي نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي حاجي سليم ميمڻ گوتم چنا يوسف عمراڻي گلزار ملاح محرم خاصخيلي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ت حيدرآباد جي نجي اسپتال هاشمي ميڊيڪل سينٽر ۾ ڊاڪٽر جي ميينا غفلت سبب نوجوان سماج سڌارڪ ديدار حسين ميمڻ جي ٽلي جي آپريشن ۾ رڳ ڪٽجي وئي ۽ ڊاڪٽر عزيز لغاري غفلت ڪندي مريض کي ڳنڀير جوڳي حالت ۾ ڇڏي فرار ٿي ويو جڏهن ت ميڊيڪل سينٽر ۾ انتظاميا نالي ڪا شي نه هئي جنهن سبب رت وهڻ جي نتيجي ۾ نوجوان فوت ٿي ويو 9 ڏينهن گذرڻ باوجود انتظاميا خلاف ڪا به ڪاروائي نه ٿي سگهي آهي هنن وس وارن کان مطالبو ڪيو ت سائڻ انصاف ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 37

ڪندي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڊپٽي ڊائريڪٽر قريب الله سومرو ڊي ايف سي سکر دلدار ڪلوڙ راتون رات ڪروڙ پتي بڻجڻ جو منصوبو تيار ڪري ورتو آهي دلدار ڪلوڙ ڊپٽي ڊائريڪٽر خوراڪ سکر قريب الله سومرو ۽ ڊي ايف سي جي پوسٽ جو ناجائز فائدو وٺي صالح پٽ جي فلور مل مالڪن ۽ بلڪ ملر واپارين سان ملي پڪٽ ڪري لکين روپيا روز جي بنياد تي رشوت جي عوض مل مالڪن ۽ صالح پٽ جي واپارين کي ڪڻڪ گودامن ۾ ذخائرو ڪرڻ جو باقائد ٺيڪو ڪٺي ڇڏيو آهي ۽ اگر سنڌ سرڪار ڊي ايف سي سکر دلدار ڪلوڙ کي هن عمل کان روڪڻ جي ڪوشش نه ڪئي ته ڪڻڪ سرڪاري ذخرانڊوزي جي بجائي ڪڻڪ اسمگلرن وٽ ذخر اندوز ٿيندي ته ڪڻڪ وڌيڪ مهانگي ٿيندي ڪڻڪ جو بحران پيدا ٿيندو ۽ غريب بک بدحالي جو شڪار ٿيندا ماڻهون مري ويندا هن وقت ڪڻڪ جو رت سرڪاري سطح تي 4000 هزار روپيا مڻ فڪس آهي جيڪو ناقابل برداشت آهي لڪن دلدار ڪلوڙ جي سرپرستي ۾ مل مالڪن ۽ اسمگلرن واپارين سرڪاري رت کي پوئتي ڌڪي ڇڏيو ۽ پنهنجي مرضيءِ جو 4200 سؤ رت مقرر ڪيو ويو آهي اسان سنڌ سرڪار کي گذارش ٿا ڪريون ته هن ڪرپٽ ڊي ايف سي سکر دلدار ڪلوڙ کي هٽائي ڪو انسٽ آفسر سکر ۾ مقرر ڪيو وڃي جيڪو نه صرف ڪڻڪ جي اسمگلنگ سان گڏ مقرر سرڪاري رت تي ڪڻڪ وڪرو ۽ خريد ۾ پابند سان گڏ عمل ڪرايو وڃي نه ته ويتر سنڌ ۾ هتراذو ڪڻڪ جو بحران پيدا ٿيندو ۽ غريب بک ۽ بدحالي جو شڪار ٿي مري ويندا تنهن ڪري سنڌ حڪومت ۽ ڪمشنر سکر ڊي سي

سکر اسسٽنٽ ڪمشنر صالح پٽ کي موبادڙ اپيل آهي ته صالح پٽ ۾ ڪڻڪ ذخيرو ٿيڻ جو سلسلو جاري آهي ۽ فوڊ انسپيڪٽر توڙي ايڪسائيز پوليس رودن تي خام خواه خوار آهي جڏهن مل وارن کي 200 سو ڪٽو ڪڻڪ رکڻ جي اجازت ڏني وئي آهي ته ملن وارن هزاري مڻ ڪڻڪ جو ذخيرو غيرقانوني ڪري رهيا آهن ۽ واپارين گدامن ۾ چوهزاري مڻ ڪڻڪ ذخيرو ڪئي آهي فوري طور صالح پٽ جي واپارين جي گدامن ۽ ملن تي ڇاپا هڻي گدار سيل ڪيا وڃن

بقايا سنڌيار 38

طور تي گرفتار ڪرڻ جو مطالبو تفصيل موجب . اجمل ساوند جي وارثن سان تعزيت ڪرڻ بعد امير جماعت اسلامي جو مولانا سراج الحق ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ت پروفيسر انمل ساوند کي قاتلن قتل ڪرڻ بعد قتل واري هنڌ جشن ملهايو لاش مٿان نچندا رهيا ۽ وڏو افسوس اهو آهي ت اجمل جا قاتل گرفتار ناهين ٿي سگهيا اجمل ساوند جو قتل وڏو واقعو آهي اهو علم جو قتل آهي ٻاهرين ملڪ کان اچي پاڪستان اندر پروفيسر قتل ٿي اڄ ان جا قاتل سري عام گهمي رهيا آهن امير جماعت اسلامي جي سراج الحق وڌيڪ چيو ت سنڌ اندر ڌاڙيلن جو راڄ آهي لاءِ ان آرڊر جو وڏو مغلو آهي سنڌ اندر سرادري جاگيرداري نظام سنڌ کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي سڄ لهندي ڌاڙيلن پهچي وڃن ٿا ن شهري محفوظ آهي ن ڊاڪٽر صحافي استاد ڪو ب محفوظ ناهين ڌوهارين جا ساٿاري اسيمبلي ۾ ويٺل چونڊيل نمائندا ايم پي اي ايم اين اي آهن

بقايا سنڌيار 39

خاموش تماشائي بڻيل واره جي مين مصروف جڳهه وين اسٽاپ تان ڏينهن ڏٺي جو صبح جو ساڍي ستين وڳي واپاري ۽ دڪاندار کان قمر واره قمبر وين اسٽاپ تي ڪٽي ڏاري جي دڪاندار گل حسن سومرو جي دڪان تي اتي ۽ ڪٽي ڏاري جي واپاري محمد رمضان ڦلپوٽو کان ٽي هٿيار بند هٿيارن جي زور تي تشدد ڪري اوائي لک روڪ رقم ۽ دڪاندار کان ويهه هزار روپيا ۽ موبائيل فونيون ڦر ڪري آساني فرار ٿي ويا. جڏهن ته پوليس جاءِ وارڌات تي ڏهه ٻارنهن ڪلاڪ گذرڻ بعد پهتي ٻئي طرف آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو واپاري محمد رمضان ڦلپوٽو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هلڪو ڦلڪو واپار ڪري پيٽ گذر ڪندو آهيان هي ٻيو دفعو ڦر ڪئي وئي آهي هن ايس ايس پي قمبر، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻي آءِ جي سنڌ ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي ته نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 40

علماء ڪائونسل پاڪستان ضلع دادو پاران ضلعي صدر سلامت جعفري، اصغريه علم وعمل تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ محمد عالم ساجدي جي اڳوائي ۾ قبله اول بيت مقدس جي آزادي ۽ فلسطيني مسلمانن تي اسرائيلي ظلمن ۽ بيگناهه مسلمانن جو ناحق قتل عام ڪرڻ خلاف مرڪزي امام بارگاهه حيدري دادو کان پريس ڪلب دادو تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ مختلف تنظيمن جعفريه اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن دادو اصغريه آرگنائيزيشن پاڪستان دادو اصغريه اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن دادو ۽ مڪاني انجمن پريور شرڪت ڪئي اڳواڻن ۽ شيعه علماء ڪائونسل پاڪستان ضلع دادو جي صدر سلامت جعفري، محمد عالم ساجدي، مشتاق حسيني، ۽ اصغريه آرگنائزيشن جي صوبائي اڳواڻ الله بچايو انقلابي خطاب ڪندي چيو ته قبله اول بيت المقدس تي اسرائيل جو ناجائز قبضو امت مسلمه لاءِ سواليه نشان آهي اسان جو هن احتجاجي پليٽ فارم تان اقوام متحده، اسلامي سربراهه ڪانفرنس ۽ انساني حقن جي بين الاقوامي تنظيمن کان مطالبو آهي ته بيت المقدس ۽ فلسطين مان اسرائيل جو قبضو ختم ڪرايو وڃي ٻي صورت ۾ قائد ملت جعفر پاڪستان آت الله سد ساجد علي نقوي جي حڪم تي تحريڪ هلائي ويندي ريلي ۾ ضلعي اڳواڻ استاد دين محمد لغاري، اشفاق حسين چنڙ، علي گل ڪربلائي ,آفتاب جعفري محبوب جويو الطاف سخيراڻي جعفريه اسٽوڊنٽس آرگنائزيشن جي ڊويزنل جنرل سيڪريٽري عرفان لغاري، اميرالدين جتوئي وسيم ڪوڪر مشعيب اصغري ۽ ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 41

پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، ريلي جي اڳواڻي شيعا علماء ڪائونسل جي ضلعي صدر ايڊووڪيٽ سيد زاهد علي شاهه مولانا خادم حسين ڪميلي، مولانا اختيار علي سيد امتيازعلي شاهه حب علي حيدري ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته اسان جي ريلي جو مقصد بيت المقدس کي آزاد ڪرائڻ آهي، جنهن تي اسرائيل آمريڪا جي سرپرستي ۾ قبضو ڪري چڪو آهي. مظاهرين چيو ته فلسطينين تي اسرائيل جو ظلم ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو اسرائيل مسلمانن جو دشمن آهي، مسلمانن جو ٻهريون قبلو بيت المقدس آهي. سمورن مسلمانن کي ان اهم مسئلي تي آواز اٿارڻ گهرجي.

بقايا سنڌيار 42

رابطه ڪايونسل پريا ستي ۽ اماميه شيعه آرگنايزيشن پريا ستي پاران محمد قاسم مرتضوي. مولانا سيد شهزاد حسين شهدايي. علي حيدر جوکيو. اصغر علي جوڻيجو ۽ محمد حيدر جوڻيجو ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ مظلوم فلسطيني مسلمانن جي حمايت ۽ بيت المقدس تي اسرايل جي ناجايز قبضي خلاف بعد نماز جمع مسجد در بتول کان پريس ڪلب پريا ستي تايين يوم القدس جي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

بقايا سنڌيار 43

آباد اسڪول کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري ۾ شامل استاد امتياز عمراڻي جي بحالي لاءِ نعري بازي ڪري رهيا هئا هن موقعي تي اڳواڻن عبدالخالق چانڊيو ڏٽي بخش ڪوسو عزيز سومرو برڪت ميمڻ بابو خاصخيلي اڪبر شاهه پيمراج لال ۽ ٻين چيو ته هن امتياز عمراڻي مسئلي جي جانچ ڪئي آهي جنهن ۾ هو بي ڏوهي آهي ميڊيا جي پريشر ۾ اچي هڪ نظرياتي تعليم دوست استاد کي برطرف ڪري بي روزگار ڪري سندس خاندان سان وڏي معاشي ناانصافي ڪئي وئي آهي هنن مطالبو ڪيو ته استاد امتياز عمراڻي کي عيد کان اڳ بحال ڪري سندس خاندان مان بي چيني کي ختم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ عيد کان پوءِ پي ٽي الف جي طرفان سڄي سنڌ ۾ سندس بحالي جي لاءِ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 44

افطار پارٽي جو اهتمام ڪيو ويو پاڪستان ليگل يونائيٽيڊ سوسائٽي (پلس) دادو هن افطار پارٽي ۾ شريڪ ٿيندڙ روزيدارن لاءِ خصوصي انتظام ڪيا ويا تنظيم (پلس) جي ضلع دادو جي اڳواڻ خواجه سراءِ فقير اسلم علي ڀنڀرو آيل

مهمانن خاص طور تي روزيدارن لاءِ گلابن جا هار اجرڪ ۽ ٽوپيون تحفي ۾ پيش ڪيا ۽ افطار پارٽي جي انتظار ۾ ويٺل سمورن روزيدارن مٿان گلاب جا گل نڇاور ڪيا ته محفل ۾ هڳسان ٿي ويو افطار پارٽي جي تقريب دادو جي سينيئر صحافي دادو پريس ڪلب جي نائب صدر غوث جهتيال هلائي اسٽيج سيڪريٽري جا فرائض سرانجام ڏيندي خواجه سراءِ فقير اسلم علي ڀنڀرو کي مهمانن لاءِ اچڻ ۽ پيش ڪرڻ لاءِ اسٽيج تي سڏ ڪيو ويو ان بعد افطار جي دعا پڙهڻ لاءِ مولانا حافظ عبدالرحيم پنهور دعا پڙهي ڪينٽين دان جو مان جي ملازمن روزيدارن اڳيان روزي کولڻ لاءِ کجور، فروٽ ملو شربت ۽ پڙو ماني جو اهتمام مڪمل ڪري ورتو اسٽيج سيڪريٽري غوث جهتيال افطار ڊنر تقريب ۾ مختلف مڪتب فڪر جي ماڻهن کي ترتيب وار اسٽيج تي تقريرن لاءِ سڏ ڪيو مختيار ڪار دادو ذوالفقار علي پنهور، ناصور صحافي گلڻ پنڊ، پاڪستان ليگل يونائيٽيڊ سوسائٽي جي اڳواڻ عمران ڪورائي ناصور سماجي اڳواڻ زندگي ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن جي چيئرمين محمد بخش ڪورائي، سينيئر صحافي اي ڊي ڪابوروايس يو بي جو مرڪزي اڳواڻ ڪامريڊ نياز حسين پنهور، دڪاندار ايسوسيئيشن ضلع دادو جي صدر حاجي گل حسن پنهور، ميونسپل ڪاميٽي دادو جي ڪائونسلر حاجي قربان علي چانڊيو، پ پ پ اڳواڻ حاجي غلام مصطفي جتوئي، سنڌ جرنلسٽس ڪائونسل تعلقي دادو جي جنرل سيڪريٽري واجد علي ملاح، انجنيئر اياز علي جتوئي ۽ سول سوسائٽي جي ٻين نمائندن خطاب ڪيو اڳواڻن چيو ته ڪينٽين دان جو مان جنهن ۾ غريب طبقي لاءِ سستو ۽ معياري کاڌو 50 سيڪڙو رعايت سان مهيا ڪيو پيو وڃي ان ڪينٽين جي ڪاميابي لاءِ دعاگو آهيون پاڪستان ليگل يونائيٽيڊ سوسائٽي (پلس) جس لهي جنهن تنظيم روزيدارن لاءِ شاندار افطار ۽ عزت افزائي ڪئي آخر ۾ ناصور صحافي گلڻ پنڊ سنڌ جي سدا حيات عوامي شاعر استاد بخاري جي شاعري مان چونڊ بيت پڙهي افطار تقريب جو اختتام ڪيو هن تقريب ۾ پ ت الف دادو جي اڳواڻ پرديپ ڏيوات، شفيق جتوئي، شڪيل ابڙو ۽ دادو پريس ڪلب جي صحافين فورٽ پلر تنظيم جي مرڪزي اڳواڻ سرور جلال سولنگي ادل مهيسر آزاد بلوچ شيراز شيخ ديدار شيخ علي گوهر سومرو شوڪت ملاح اياز جمالي عزيز خاصخيلي محمد جمالي غلام مصطفي ڀنڀرو عديل ميمڻ ڪينٽين جي منيجر عبدالمجيد شاهاڻي سميت مقامي شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 45

ن 8 اٺن دوڪانن جي ٿيل چوري خلاف شهري اتحاد خانواهڻ ,دوڪاندارن ۽ ڪونٽر سوشل ويلفيئر جي سڏ تي شٽر بند هڙتال ڪندي پريس ڪلب خانواهڻ آڏو سخت نعري بازي ڪري احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو جتي اڳواڻن سيد عاشق علي شاهه , حاڪم علي ڪونڊر , غلام مرتضيٰ گلال , نويد جوڳي، فرحان چنه ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته سونارا بازار مان 15 ڏينهن اڳ نامعلوم چور 8 اٺن دوڪانن جا تالا ٽوڙي لکين روپين جي ماليت جو سامان چوري ڪري ويا خانواهڻ پوليس سستي جو مظاهرو ڪندي اڃا تائين ڪک پڇي ويٺو ناهي ڪيو هنن آءِ جي سنڌ , ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد , ايس ايس پي نوشهروفيروز کان گهر ڪئي ته چوري ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري دوڪاندارن جي ٿيل چوري واپس ڪرائي وڃي ن ته ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 46

مظاهرو ڪري دادو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي امداد حسين لغاري، ناري فضيلا جي والد رانجهن لغاري، محمد حسين لغاري،محرم لغاري،غلام قادرلغاري ۽ برادري جي ٻين معزز ماڻهن گڏيل طور تي پر هجوم پريس ڪانفرنس ۾ ڳالهائيندي چيو ته 26 ڏينهن اڳ ڳوٺ ياسين لغاري مان مقامي عطائي ڊاڪٽر ستار جمالي هٿيار بند سان ڪري رانجهن لغاري جي گهر ۾ داخل ٿي شادي شده ناري فضيلا زال منور لغاري کي اغوا ڪري ڪٺي ويا جنهن بعد ناري تي هٿيارن جي زور تي نڪاح ڪيو ويو آهي، جيڪو شريعت محمدي موجب نڪاح مٿان نڪاح ڪيو ويو آهي جيڪو نڪاح ناجائز ۽ غير قانوني غير اخلاقي آهي فضيلا لغاري هڪ سال اڳ منور لغاري سان نڪاح ٿيل آهي جنهن جو نڪاح ناموثبوتو ۽ شادي جي ويڊيو موجود آهن برادري شاهد آهي. پريس ڪانفرنس ڪندڙ لغاري برادري جي ماڻهن الزام هڻندي چيو ته پ پ پ جي ايم اين اي دادو جوهي رفيق احمد جمالي اغوا ڪندڙ هٿياربند عطائي ڊاڪٽر ستار جمالي جو ساٿ ڏئي سڄي لغاري برادري جي دل آزاري ڪئي آهي جيڪا اسان وڏي تذليل سمجهون ٿا هن مهل تائين ايم اين اي رفيق احمد جمالي واقعي ۾ ڌر بڻيل آهي.هنن چيو ته اسان ڊاڪٽر بنده لغاري ۽ ايم پي اي سجيلا لغاري جي فيصلي کي قبول نه ٿا ڪيون. ڇاڪاڻ ته اهي پ پ پ جا ايم اين اي جا خاص ماڻهو آهن ناري جي اغوا جو ڪيس پڻ داخل ٿيل آهي پر جوهي ۽ پٽ گل محمد پوليس ڪابه ڪاروائي نه ڪئي آهي اسان صرف پنهنجي نياڻي جي بازيابي جي گهر ڪري رهيا آهيون. اسان کي خوف آهي ته اسان جي نياڻي فضيلا لغاري کي ماريو ويندو جيئن هو پنهنجي وارث وٽ واپس نه وڃي. جڏهن ته لغاري برادري جي رئيس ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف اڳواڻ امداد خان لغاري صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اسان پرامن قوم آهيون اسان پنهنجي برادري جو ڪٺ گهرايو هو جنهن ۾ سڄي برادري دادو جوهي ايم اين اي رفيق احمد جمالي کي 4 ڏينهن ۾ مسئلو حل ڪري ڏيڻ جو چيو هو ته فضيلا لغاري وارثن کي واپس ڪئي وڃي پر هن مهل تائين ڪوبه جواب نه مليو آهي التوڙي ايس ايڇ او جوهي ۽ پٽ گل محمد پوليس مون کي حراسان ڪري ڪوڙي ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهي آهي آءُ نيڪ مرد آهيان، مون کي ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن ته لغاري برادري جي ٻين ماڻهن سان ڪهڙو حشر هوندو، اسان جي نياڻي واپس نه ٿي آهي ان ڪري اسان سڄي سنڌ اندر دادو جوهي ايم اين اي رفيق احمد جمالي ۽ نياڻي اغوا ڪندڙ ستار جمالي خلاف پرامن احتجاج ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ سڄي سنڌ اندر ۽ سوشل ميڊيا سميت پينافليڪس شايع ڪيا ويندا جيئن سنڌ جي عوام کي خبر پوي ته سنڌ جي نياڻي کي اغوا ڪندڙ ۽ ڪرائيندڙ ڪير آهن.هر اليڪشن ۾ وڏي انگ ۾ لغاري برادري رفيق احمد جمالي کي ووٽ ڏئي ٿي پر ان جي بارجود ايم اين اي اسان جي نياڻي کي اغوا ڪندڙ جي ڌر آهي.هنن وڌيڪ چيو ته هن مهل تائين رفيق احمد جمالي جو هن ماملي تي ڪوبه واضح بيان نه آيو آهي نه وري اغوا ڪار ستار جمالي سان لاتعلقي ڪئي آهي باقي لغاري برادري جو رفيق احمد جمالي سان ڪوبه ذاتي تڪرار نه آهي. اسان جو عدالت تي يقين آهي اسان فضيلا لغاري جي بازيابي تائين هر فورم تي جهدوجهد جاري رکنداسين. هنن وڌيڪ چيو ته پ پ پ قيادت اسان جي مدد ڪري لغاري برادري کي هن ماملي ۾ نظر انداز نه ڪري.

نيشنل سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪمپني (پرائيويٽ) لميٽڊ
(منسٽري آف فنانس گورنمينٽ آف پاڪستان)

ٽينڊر

(سنگل اسٽيج_ ٻه لفافا بنيادن تي)

ساک وارن مينوفيڪچررز/سپلائيرز/ڪانٽريڪٽرز، جيڪي لازمي طور ٽئڪس اٿارٽيز وٽ رجسٽرڊ هجن ۽ متحرڪ ٽئڪس ڀريندڙ هجن کان هيٺ ڏنل آئيٽمز/جاب جي سپلاءِ لاءِ ايف.او آر بنيادن تي مجوزه بڊنگ دستاويزن تي مهربند آڇون گهرائجن ٿيون.

TENDER NO.	DESCRIPTION OF JOBS / ITEMS	QTY.	TENDER DOCUMENT SUBMISSION DATE & TIME	TENDER OPENING DATE & TIME	BID SECURITY
N-LP / T-322 / 23	PERSONALIZED DUAL INTERFACE EMV ATM DEBIT CARDS (AS PER SPECIFICATION / BOQ)	600000 NOS.	UP TO 10:00 AM ON 09-05-2023	10:30 AM ON 09-05-2023	5% (Excluding taxes)
N-LP / T-323 / 23	TROY MICR TONER (FOR HP 9050 LASER PRINTER) 100% Original (No refilled) only from Authorized Dealer Make. M/s. Troy OR Equivalent. MICR Toner will be used for encoding on Bank Cheque.	50 NOS.	-DO-	-DO-	-DO-

تفصيل/بي او ڪيو/سيمپل تصوير تفصيل لاڳاپيل دستاويزن سان اٽيچ ٿيل آهن.

- بڊز مٿي ڏنل بڊز جي کلڻ واري تاريخ ۽ وقت تي شموليت ۾ دلچسپي رکندڙ حصو وٺندڙ بڊرز جي موجودگي ۾ کوليا ويندا.
- تفصيلي ٽينڊرجون گهرجون پي پي آر اي ويب سائيٽ "www.ppra.org.pk" ۽ اين ايس پي سي جي ويب سائيٽ "www.nspc.gov.pk" تي پڻ موجود آهن.

ڊپٽي جنرل مينيجر
(پرچيز)

PID(K)No.2954/22